# سَولي سنڌي

## ڇهين درجي لاءِ

## استادن لاءِ رهبر

اشوڪ ڪمار ڪتري

OXFORD
UNIVERSITY PRESS

اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس

# تعارف

اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس پاڪستان پاران انگريزي ۽ اردو کان پوءِ سنڌي ٻولي ۾ معياري درسي ڪتابن جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي. هن اداري انگريزي ۽ اردو جي درسي ڪتابن لاءِ استادن جي رهنمائي ڪرڻ لاءِ هر ڪتاب جو هڪ رهبر (گائيڊ) تيار ڪرايو آهي ته جيئن استاد انهي رهبر وسيلي شاگردن کي اڃا به بهتر نموني سان سبق پڙهائي سگهن ۽ استاد جي ڏينهن رات جي محنت کي وڌيڪ هٿي ملي سگهي. سنڌي هڪ اهڙي ٻولي آهي جيڪا سنڌ کان سواءِ پاڪستان جي مختلف علائقن جهڙوڪ لاهور ۽ اسلام آباد ۾ به پڙهائي پئي وڃي، تنهنڪري هن ضرورت کي محسوس ڪندي اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس اهو فيصلو ڪيو ته سولي سنڌي جي درسي ڪتابن لاءِ استادن لاءِ رهنمائي ڪندڙ رهبر تيار ڪجن ۽ ”استادن لاءِ رهبر“ جي نالي سان ڪتابن جي سلسلي کي شروع ڪيو ويو آهي ته جيئن استاد ۽ شاگرد ٻنهي جي صلاحيتن کي اڃا به وڌيڪ اڳتي آڻي سگهجي. هن سلسلي ۾ منهنجي مٿان اها ذميواري رکي وئي آهي ته مان سولي سنڌي جي ڇهين، ستين ۽ اٺين درجي جي درسي ڪتابن جا ”استادن لاءِ رهبر“ تيار ڪيان. انهن ڪتابن کي ترتيب ڏيڻ وقت مون استاد ۽ شاگرد ٻنهي جي ضرورت کي سامهون رکندي تيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

ڪوشش ڪئي آهي ته اهي استاد جيڪي سنڌي لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ ٿوري ڏکيائي محسوس ڪن ٿا اهي سولي سنڌي ۾ شامل ڪيل سمورا سبق انهن سمجهاڻين کان پوءِ آساني سان پڙهائي سگهن. انهي ڏس ۾ هر ترتيب ڏنل سولي سنڌي جي استادن جي رهنمائي جي گائيڊ ۾ سنڌيءَ سان گڏ انهي جو اردو ترجمو به ڪيو ويو آهي ته جيئن منجهڻ وارا استاد گڏو گڏ انهي اردو جي ترجمي جو مطالعو به ڪري سگهن. انهي ڪري هڪ صفحو اڳ ۾ سنڌي ۽ پوءِ انهي جو ٻيو صفحو اردو ترجمي جو آهي.

اميد ٿو ڪيان ته اداري جي اميدن تي پورو لهندس ۽ اها ڪوشش استادن کي پسند ايندي ۽ ايندڙ وقت ۾ انهي کي اڃا به بهتر ڪري سگهبو.

اشوڪ ڪمار ڪتري

# ڏسٽي


1. حمد (مرزا قليچ بيگ) 2
2. محنت ۾ آمانُ 8
3. نعت 14
4. زراعت ۾ انقلاب 18
5. خلائي جهاز 24
6. نظم: ايڪو (اشفاق چانڊيو) 28
7. ميڊيا 32
8. بچاءَ جو ڏينهن 38
9. نانگ ۽ جوڳي 44
10. نظم: منهنجو وطن (علي محمد سومرو) 48
11. مادرِ ملت محترمہ فاطمہ جناح 52
12. عثمان ڏيپلائي 56
13. رياضي جو تعارف ۽ اهميت 60
14. اسلامي ملڪن جي تنظيم 66
15. نظم: پورهيت (علي محمد سومرو) 72
16. شيخ سعدي ۽ ان جا قول 76
17. ٿر جو سير 80
18. ڪرڪيٽ راند 86
19. اڪبر بادشاه ۽ سياڻو وزير 92

20. نظم: ٻار جي سنڀال ________ (ڪشنچند ”بيوس“) ________________________ 98
21. سِلهه يا ٽي بيءَ جو مرضُ ________________________________________ 102
22. امير تيڙ جو خواب ________________________________________ 108
23. دوست ڏانهن خط________________________________________ 114
24. ڪفايت شعاري________________________________________ 120
25. نظم: هاءِ اباڙي گهوڙا ڙيا! ______ ( ياسر قاضي ) ______________________ 126

سبق پھريون

# حمد

## مقصد

- شاگردن کي حمد جي معني ۽ مفھوم جي ڄاڻ ڏيڻ.
- ھو حمد پڙھڻ، سمجھڻ ۽ زباني ياد ڪرڻ جي لائق ٿي وڃن.
- نوان لفظ لکڻ ۽ انھن مان جملا ٺاھڻ جي صلاحيت حاصل ڪري سگھن.
- ھو اھو ڄاڻي سگھن تہ اسان جو حقيقي خالق، مالڪ ۽ رازق الله تعالي آھي.

## امدادي سامان

- بليڪ بورڊ
- نون ۽ ڏکين لفظن جا فليش ڪارڊ
- سج، چنڊ، گُلن، ٻوٽن، شينھن ۽ پکين جون ڪجھہ تصويرون يا ماڊل
- سَولي سنڌي ڪتاب 6 ، صفحو نمبر 1

## سکيا جو طريقو

- حمد پڙھائڻ کان اڳ ٻارن کان پڇيو وڃي تہ ڇا ھو ڪڏھن اھو سوچين ٿا تہ ھي سج يا چنڊ ڪنھن جوڙيا آھن، تارا وڻ ڪيئن وجود ۾ آيا آھن، اسان کي ڪنھن پيدا ڪيو آھي، ڇا اھي جبل ۽ دريا پاڻ ئي جڙي ويا آھن.
- ٻارن کي ٻڌايو تہ اڄ اسين حمد پڙھندا سين جنھن مان اسان کي اھا ڄاڻ ملندي تہ انھن سڀني شين کي پيدا ڪرڻ وارو ڪير آھي. سبق جي اعلان ڪانپوءِ ڪتاب جو صفحو نمبر 1 کولرايو. نون لفظن جا فليش ڪارڊ ڏيکاريو ۽ انھن لفظن کي درست اُچار سان پڙھي ٻڌايو پوءِ حمد کي توھان (استاد) درست اُچار سان لفظ لفظ ڪري پڙھو. ٻار ھر لفظ تي آڱر رکن ۽ ڏيان سان ٻڌن. ھاڻي کين حمد جي معني ٻڌايو تہ حمد اھڙا بيت آھن جنھن ۾ الله تعالي جي تعريف بيان ڪئي وڃي. انھيءَ کان پوءِ بيتن جي سمجھاڻي آسان لفظن ۾ ڪريو. جھڙوڪ: الله سائين! اسين ڄاڻون ٿا تہ توکان سواءِ ٻيو ڪو بہ موجود نہ آھي ۽ اسين توکان سواءِ ڪنھن ٻئي کي مالڪ نٿا سمجھون. ھن سڄي دنيا کي توئي پيدا ڪيو آھي، ھڪ تون ئي آھين جيڪو ھتي رھجي ويندو ۽ باقي سڀ ختم ٿيڻ واريون شيون ۽ جاندار آھن. الله سائين تنھنجي ذات کي ئي اسين پاڪ سمجھون ٿا. تون ئي شروع ڪرڻ وارو آھين ۽ تون ئي ختم ڪرڻ وارو آھين. اسان جي زندگي بہ تنھنجي ڪري آھي ۽ موت بہ تنھنجي ڪري ئي آھي انھن سڀني تي تون ئي طاقت رکين ٿو. الله سائين! تون اسان نماڻن تي ڪو رحم ڪر ۽ اسان لاءِ ھن دنيا ۾ سولائي پيدا ڪر. مٿي ڏنل سمجھاڻي کي توھان پنھنجن لفظن ۾ بہ ٻارن کي سمجھائي سگھو ٿا.

سبق نمبر ا

# حمد

## مقاصد

- طلبا کو حمد کے معنی اور مفہوم کی معلومات حاصل ہو۔
- انھیں اس قابل کرنا کہ وہ حمد پڑھنے سمجھنے اور زبانی یاد کرنے کے قابل ہوجائیں۔
- نئے الفاظ لکھنے اور ان سے جملے بنانے کا فن حاصل کرسکیں۔
- وہ یہ جان سکیں کہ ہمارا حقیقی خالق، مالک، رزاق صرف اللہ تعالیٰ ہی ہے۔

## امدادی اشیا

- تختۂ سیاہ
- نئے اور مشکل الفاظ کے فلیش کارڈ
- سورج، چاند، پھول، نباتات، شیر اور پرندوں کی کچھ تصاویر یا ماڈل
- آسان سندھی کتاب ۶ ،صفحہ نمبر ا

## طریقۂ تدریس

- حمد پڑھانے سے پہلے طلبا سے پوچھا جائے کہ کیا وہ کبھی یہ سوچتے ہیں کہ سورج اور چاند کس نے بنائے ہیں، تارے اور درخت کیسے وجود میں آئے، ہمیں کس نے پیدا کیا ہے، کیا یہ پہاڑ اور دریا خود ہی وجود میں آئے ہیں۔
- طلبا کو بتائیے کہ آج ہم حمد پڑھیں گے جس سے ہمیں یہ معلومات ملیں گی کہ ان سب چیزوں کو پیدا کرنے والا کون ہے۔ سبق کے اعلان کے بعد کتاب کا صفحہ ا کھولیے۔ نئے الفاظ کے فلیش کارڈ دکھائیے اور ان الفاظ کو درست تلفظ کے ساتھ پڑھ کر سنائیے۔ پھر حمد کو درست تلفظ سے تحت اللفظ پڑھیں۔ طلبا ہر لفظ پر انگلی رکھیں اور دھیان سے سنیں۔ اب انھیں حمد کے معنی بتائیے کہ حمد ایسے اشعار ہیں جن میں رب تعالیٰ کی تعریف بیان کی جائے۔ بعد میں اشعار کی تشریح آسان الفاظ میں کیجیے۔ اشعار کی تشریح نثر میں کی جائے کہ اشعار طلبا کو آسانی سے سمجھ میں آجائیں۔ مثال کے طور پر اے اللہ! ہم جانتے ہیں کہ آپ کے سوا کوئی اور معبود نہیں اور ہم آپ کے سوا کسی کو مالک نہیں سمجھتے۔ تمام کائنات کو آپ ہی نے پیدا کیا ہے۔ وہ آپ ہی ہیں جو باقی رہیں گے جبکہ جاندار اور اشیا سب فنا ہونے والے ہیں۔ ہم آپ کی ذات کو ہی پاک سمجھتے ہیں۔ آپ ہی شروع کرنے والے ہیں اور آپ ہی ختم کرنے والے ، ہماری زندگی بھی آپ کی وجہ سے ہے اور موت بھی آپ کی وجہ سے، ان سب پر آپ ہی قدرت رکھتے ہیں۔ آپ ہم کمزوروں پر رحم کیجیے اور ہمارے لیے اس دنیا میں آسانی پیدا کیجیے۔ مذکورہ تشریح کو آپ اپنے الفاظ میں بھی سمجھا سکتے ہیں۔

- موقعي ۽ مهل جي حساب سان مددي شين کي واري واري سان ٻارن جي سامهون رکندا وڃو ۽ جيڪڏهن اهي تصويرون حمد سان ميل کائين ٿيون تہ ٻارن کي ڏيکاري انهن جي وضاحت ڪئي وڃي ۽ جيڪڏهن ميل نٿيون بہ کائين تہ بہ ٻارن کي اهو سمجهائي سگهجي ٿو تہ انهي کان سواءِ ٻيون بہ ڪيتريون شيون آهن جن کي الله سائين پيدا ڪيو آهي جهڙوڪ سج يا چنڊ جي تصوير ڏيکاري الله جي طاقت جو اندازو ٻارن کي ڪرايو تہ جيئن ٻار حمد کي درست معني ۾ سمجهي سگهن.
- حمد ۾ موجود ڏکين يا نون لفظن تي نشان لڳرايو پوءِ حمد ٻارن کان واري واري پڙهائيو پوءِ ٻن ٻارن کان جوڙي جي صورت ۾ واري واري پڙهائيو جنهن ۾ هڪ سنو پڙهڻ وارو هجي ۽ ٻيو ٿوري ڏکيائي محسوس ڪندو هجي. پوءِ پنج پنج ٻارن جو گروپ جوڙي پڙهائيو وڃي. جنهن کان پوءِ سڀ ٻار توهان سان ملي ڪري حمد پڙهن. اهڙي ريت سولائي سان ٻارن کي حمد ياد ٿي ويندي.

## حل ٿيل مَشقَ

(الف) سوالن جا جواب:

1. ڪنهن بہ ٻئي شاعر جي حمد جا بہ شعر:

گيت ڏٽي جا ڳڌجي ڳايون
جو ٿو تڏڙا مينهن وسائي
باغن ۾ جو انب پچائي
ويس گلن کي جو پهرائي
ان پچائي، گاهہ اُپائي
عرش ۾ جو تارا تمڪائي
تنهن مالڪ کي سڀ ساراهيون
گيت ڏٽي جا ڳڌجي ڳايون

2. منهنجي سڀ کان وڌيڪ وڻندڙ حمد هيٺ ڏنل آهي:

ساري عالم جو تون آهين باني،
تون آهين باقي ٻيو سڀ فاني.

- چوٿون شعر ۾ شاعر چوي ٿو تہ هڪ تون ئي تون آهين ٻيو ڪو بہ نہ آهي.

3. شاعر سڄي عالم جو باني الله تعالي کي سڏيو آهي.
4. مٿي ڏنل حمد جي هن شعر جو مطلب اهو آهي تہ ”منهنجا مالڪ، منهنجا الله سائين! هر شيءَ جي شروعات ڪرڻ واري بہ تنهنجي ذات آهي ۽ هر شيءَ کي ختم ڪرڻ واري بہ تنهنجي ذات آهي. تون ئي زندگي ڏيڻ وارو آهين ۽ تون ئي ان کي ختم ڪرڻ وارو آهين.“

- موقع کی مناسبت سے امدادی اشیا کو باری باری طلبا کے سامنے رکھتے جایئے۔ اگر وہ تصاویر حمد سے مناسبت رکھتی ہوں تو طلبا کو دکھا کر ان کی وضاحت کی جائے اور اگر نہیں ملتیں تو طلبا کو سمجھایا جا سکتا ہے کہ ان کے علاوہ اور بھی کئی ایسی چیزیں ہیں جنھیں اللہ تعالیٰ نے پیدا کیا ہے، جیسا کہ سورج یا چاند کی تصویر دکھا کر اللہ تعالیٰ کی طاقت کا اندازہ طلبا کو کروائیں کہ طلبا درست معنی میں حمد کو سمجھ سکیں۔
- حمد میں موجود مشکل الفاظ پر نشان لگوایئے پھر حمد طلبا سے باری باری پڑھوایئے۔ پھر دو طلبا سے جوڑے کی صورت میں باری باری پڑھوایئے۔ جس میں ایک اچھا پڑھنے والا ہو اور دوسرے کو تھوڑی مشکل محسوس ہوتی ہو اور پھر ۵ ، ۵ طلبا کے گروپ بنا کر حمد پڑھائی جائے۔ جس کے بعد سب طلبا آپ کے ساتھ مل کر حمد پڑھیں اس طرح آسانی سے طلبا کو حمد یاد ہو جائے گی۔

## حل شدہ مشق

الف: سوالات کے جوابات:

۱۔ کسی دوسرے شاعر کی حمد کے دو اشعار:

گيت ڌڻي جا ڳڌجي ڳايون
جو تو ٺڌڙا مينهن وسائي
باغن ۾ جو انب پچائي
ويس گلن کي جو پهرائي
ان پچائي، گاهه اُپائي
عرش ۾ جو تارا تمڪائي
تنهن مالڪ کي سڀ ساراهيون
گيت ڌڻي جا ڳڌجي ڳايون

۲۔ مجھے اس حمد کا سب سے اچھا شعر یہ لگا:

سارے عالم کے تم ہو بانی
تم ہی باقی اور سب فانی

حمد کے اس شعر میں شاعر کہتا ہے کہ صرف تو ہی ہے اور دوسرا کوئی نہیں۔

۳۔ شاعر نے سارے عالم کا خالق اللہ تعالیٰ کو قرار دیا ہے۔

۴۔ حمد کے اس شعر کا مطلب ہے کہ ''میرے مالک میرے اللہ! ہر چیز کی شروعات کرنے والی بھی آپ کی ذات ہے اور ہر چیز کا خاتمہ کرنے والی بھی آپ کی ذات ہے، آپ ہی زندگی دینے والے اور آپ ہی اسے ختم کرنے والے ہیں۔''

(ب) قافيو:

ڪنهن بہ شعر ۾ استعمال ٿيل هم آواز لفظن کي قافيو چيو ويندو آهي، جهڙوڪ: باني، فاني. حمد ۾ استعمال ٿيل قافيا هن ريت آهن.

باني فاني، ذات بات، ضعيفن غريبن

(ج) پنج جمع:

پٽيون، دريون، واليون، رليون، دليون.

(د) ضمير خالص جا قسم:

هي ضمير خاص طور تي ماڻهو جي ذات سان وابستہ رهي ٿو ۽ ماڻهو جي پنهنجي ذات اصلي نالي بدران اهو ضمير استعمال ٿئي ٿو. هن جا ٽي قسم آهن.

1. ضمير متڪلم: هي ضمير ڳالهائيندڙ جي نالي بدران استعمال ٿئي ٿو. جيئن واحد جي حالت ۾ "آءُ" يا "مان" ۽ جمع جي حالت ۾ "اسان" يا "اسين".
2. ضمير حاضر (مخاطب): هي اهڙو ضمير آهي، جيڪو سامهون ويٺل يا حاضر ماڻهو جي نالي وٺڻ بدران ڪم اچي. جيئن خالد سامهون ويٺل آهي، ان جي نالي وٺڻ بدران ڪيس چئجي تہ ؟"تون هيڏانهن اچ!"
3. ضمير غائب: هي اهڙو ضمير آهي، جيڪو ماڻهو جي پرپٺ، ان جي غير موجودگيءَ ۾ سندس نالي بدران ڪم اچي.

   مثال: هو/ هي..... مذڪر غائب واحد لاءِ

   اهي / هو..... مذڪر غائب جمع لاءِ

   هوءَ / هيءَ..... مونث غائب واحد لاءِ

   هو...... جمع مونث غائب لاءِ

(ب) قافیہ:

- کسی بھی شعر میں استعمال شدہ ہم آواز الفاظ کو قافیہ کہا جاتا ہے، مثلاً بانی، فانی۔ حمد میں استعمال شدہ قافیے اس طرح ہیں:

بانی، فانی، ذات، بات۔

(ج) پانچ جمع الفاظ:

دیواریں ، کھڑکیاں ، بُندے ، چادریں ، دل۔

(د) ضمیر خالص کی اقسام:

- یہ ضمیر خاص طور پر لوگوں کی ذات سے وابستہ رہتا ہے اور آدمی کے اصل نام کی جگہ پر یہ ضمیر استعمال ہوتا ہے۔ اس کی تین اقسام ہیں۔

ا۔ ضمیر متکلم: یہ ضمیر بات کرنے والے کے نام کے بدلے استعمال ہوتا ہے جیسے واحد کی حالت میں 'میں' اور جمع کی حالت میں 'ہم' ۔

۲۔ ضمیر حاضر مخاطب: یہ وہ ضمیر ہے جو سامنے بیٹھے یا حاضر آدمی کے نام لینے کی جگہ کام آئے، جیسے خالد سامنے بیٹھا ہو تو اس کا نام لیے بغیر کہا جائے کہ ''تم ادھر آو۔''

۳۔ ضمیر غائب: یہ ایسا ضمیر ہے جو آدمی کی غیر موجودگی میں اس کے نام کی جگہ استعمال کیا جائے، مثال کے طور پر:

وہ/یہ مذکر غائب واحد کے لیے

یہ/وہ مذکر غائب جمع کے لیے

یہ/وہ مونث غائب واحد کے لیے

وہ جمع مونث غائب کے لیے



OXFORD
UNIVERSITY PRESS

سبق پيو

# محنت ۾ آ ماڻ

## مقصد

- شاگردن کي محنت ۾ آ ماڻ سبق جي مفهوم جي ڄاڻ ڏيڻ.
- کين انهي قابل ڪرڻ ته جئين هو سبق پڙهڻ، سمجهڻ ۾ انهي جو مقصد ياد ڪرڻ جي قابل ٿي وڃن.
- نوان لفظ لکڻ ۾ انهن مان جملا ٺاهڻ جي صلاحيت حاصل ڪري سگهن.
- هو اهو ڄاڻي وٺن ته جيڪڏهن محنت ڪندا سين ته عزت ملندي.

## امدادي سامان

- بليڪ بورڊ
- نون ۾ ڏکين لفظن جا فليش ڪارڊ
- چوٽين جا ڪجهه ٻيا مثال ٻارن جي سامهون رکڻ
- سَولي سنڌي ڪتاب 6، صفحو نمبر 3

## سکيا جو طريقو

- سبق پڙهائڻ کان اڳ ٻارن کان پڇيو وڃي ته ڇا هو ڪڏهن اهو سوچين ٿا ته اسين پنهنجي ماحول ۾ جيڪي شيون ڏسون ٿا جهڙوڪ وڏيون وڏيون عمارتون، جهاز، ٽي وي، ٽيليفون، اناج، ميوا اهي سڀ ڪيئن جڙي راس ٿيا آهن. ڇا اهي ڪنهن جي محنت بنا تيار ٿيا آهن. جيڪڏهن نه ته پوءِ انهن کي ڪنهن ٺاهيو آهي انهن جا ڪهڙا مرحلا هئا. جيڪڏهن اسان محنت ڪريون ته ڇا اسين به اهڙيون ايجادون ٺاهي سگهون ٿا.
- ٻارن کي ٻڌايو ته اڄ اسين سبق محنت ۾ آ ماڻ پڙهندا سين جنهن مان اسان کي اها ڄاڻ ملندي ته جيڪڏهن انسان محنت ڪري ته هن کي ماڻ ڪيئن ملي ٿو. سبق جي ڪاپيءِ ڪتاب جو صفحو نمبر 3 کولرايو. نون لفظن جا فليش ڪارڊ ڏيکاريو ۽ انهن لفظن کي درست اُچار سان پڙهي ٻڌايو پوءِ سبق محنت ۾ آ ماڻ کي توهان (استاد) درست اُچار سان لفظ لفظ ڪري پڙهو ٻار هر لفظ تي آڱر رکن ۽ ڏيان سان ٻڌن. هاڻي کين سبق محنت ۾ آ ماڻ جو تت ٻڌايو ۽ ٻڌايو ته هاري کان وٺي سائنسدان تائين هرڪو ڪهڙي ريت پورهيو ڪري ٿو. اِهو سڀ انهي جي محنت جو نتيجو آهي جنهن جو اسين فائدو پرائي رهيا آهيون. جيڪڏهن هڪ پورهيت محنت ڪري ٿو ته سمورو سماج انهي جو فائدو ڪٽي ٿو ۽ جيڪڏهن هو محنت ڪرڻ ڇڏي ڏي ته اهي آسانيون اسان لاءِ ڪڏهن به نه هجن. انهي کان پوءِ سبق ۾ استعمال ٿيل ايجادن کي سولن لفظن ۾ شاگردن کي سمجهايو. سبق جي حوالي سان گڏ مثال ڏيندا هلو ته جيئن ٻار آساني سان سبق جي اصل مقصد کي ڄاڻي سگهن.

سبق نمبر ۲

# محنت میں عظمت

## مقاصد:

طلبا کو سبق 'محنت میں عظمت' کے مفہوم کی معلومات دینا۔
انھیں اس قابل کرنا کہ وہ سبق پڑھنے، سمجھنے اور اس کا مقصد یاد کرنے کے قابل ہو جائیں۔
نئے الفاظ لکھنے اور ان سے جملے بنانے کی صلاحیت حاصل کر سکیں۔
وہ یہ جان لیں کہ اگر محنت کریں گے تو عزت ملے گی۔

## امدادی اشیا

تختۂ سیاہ
نئے اور مشکل الفاظ کے فلیش کارڈ
کہاوتوں کی کچھ دوسری مثالیں طلبا کے سامنے رکھنا
آسان سندھی کتاب ۶ صفحہ نمبر ۳

## طریقۂ تدریس

- سبق پڑھانے سے پہلے طلبا سے پوچھا جائے کہ کیا وہ کبھی یہ سوچتے ہیں کہ ہم اپنے ماحول میں جو اشیا دیکھتے ہیں، جیسا کہ بڑی بڑی عمارتیں، ٹی وی، اناج، پھل وغیرہ، یہ سب کیسے بنے ہیں۔ کیا یہ کسی کی محنت کے بغیر تیار ہوئے ہیں، اگر نہیں تو پھر انھیں کیسے اور کس نے بنایا ہے، ان کے کیا مراحل تھے۔ اگر ہم محنت کریں تو کیا ہم بھی ایسی ایجادات بنا سکتے ہیں۔
- طلبا کو بتائیے کہ آج ہم سبق محنت میں عظمت پڑھیں گے، جس سے ہمیں یہ معلومات ملیں گی کہ اگر انسان محنت کرے تو اسے عزت ملے گی۔ سبق کے اعلان کے بعد کتاب کا صفحہ نمبر ۳ کھلوائیے۔ نئے الفاظ کے فلیش کارڈ دکھائیے اور ان الفاظ کو درست تلفظ کے ساتھ پڑھ کر سنائیے، پھر سبق محنت میں عظمت کو درست تلفظ کے ساتھ تحت اللفظ پڑھیے، طلبا ہر لفظ پر انگلی رکھیں اور دھیان سے سنیں۔ اب انھیں سبق کے معنی بتائیے کہ کسان سے لے کر سائنسدان تک ہر ایک کس طرح محنت کرتا ہے، یہ سب ان کی محنت کا ہی پھل ہے جس سے ہم سب فائدہ اٹھا رہے ہیں۔ اگر ایک محنت کش محنت کرتا ہے تو سارا معاشرہ اس سے فائدہ اٹھاتا ہے اور اگر وہ محنت کرنا چھوڑ دے تو اتنی آسانیاں ہمارے لیے ہرگز نہ ہوں۔ اس کے بعد سبق میں استعمال شدہ ایجادات کو آسان الفاظ میں طلبا کو سمجھائیے۔ سبق کے حوالے کے ساتھ مثال دیتے چلیں کہ طلبا آسانی سے سبق کے اصل مقصد تک رسائی حاصل کر سکیں۔


OXFORD
UNIVERSITY PRESS

- سبق ۾ استعمال ٿيل چوڻين کي سامهون رکندي ٻارن کي مثال ڏنا وڃن جهڙوڪ هنرمند يا پورهيت ڪڏهن بہ بک نہ مرندو آهي هن چوڻي يا اهڙين ٻين چوڻين کي شاگردن جي سامهون رکندي اڳ ۾ اها پڇا ڪئي وڃي تہ ڇا ٻار چوڻي کي آساني سان سمجهي سگهن ٿا. دنيا جي تاريخ مان ٻارن جي سمجهہ مطابق مثال ڏئي ٻڌايو وڃي تہ ڪهڙن قومن يا ملڪن محنت ڪري پنهنجو پاڻ مڃرائيو آهي جهڙوڪ چين ۽ پوءِ اهو بہ سمجهائيو وڃي تہ جن ملڪن محنت نہ ڪئي انهن ڪهڙين ڏکيائين کي منهن ڏنو آهي. پوءِ اهو سمجهايو وڃي تہ جيڪڏهن اسين محنت ڪرڻ ڇڏي ڏيون تہ اسان جو حال ڪهڙو ٿيندو نہ ئي گهر ۾ اسان کي ڪو پڇائيندو ۽ نہ ئي معاشري وارا اسان کي ڪو مانُ ڏيندا. ٻارن کي اهو بہ ٻڌايو وڃي تہ محنت ڪرڻ واري کي الله بہ پسند ڪندو آهي ۽ هڪ حديث بہ آهي تہ پورهيو ڪندڙ الله جو دوست آهي.
- موقعي ۽ مهل جي حساب سان مددي شين کي واري واري سان ٻارن جي سامهون رکندا وڃو ۽ ٻارن کي اهو سمجهائي سگهجي ٿو تہ انهي کان سواءِ ٻيون بہ ڪيتريون شيون آهن جن کي انسان پنهنجي محنت سان جوڙي راس ڪيو آهي جهڙوڪ ٻني ٻارو ڪندڙ هاري جي تصوير ڏيکاري هاري جي پورهيت تي بہ ٿي جملا ٻارن کي ٻڌايا وڃن تہ جيئن ٻار درست معني ۾ سمجهي سگهن. سبق محنت ۾ آ مانُ ۾ موجود ڏکين يا نون لفظن تي نشان لڳرايو پوءِ سبق محنت ۾ آ مانُ ٻارن کان واري واري پڙهائيو. سبق محنت ۾ آ مانُ سمجهائڻ لاءِ ڪلاس ۾ ٻارن کان پنجن منٽن جو هڪ ٽيبلو ڪرائي سگهجي ٿو جنهن ۾ مختلف پورهيت ڏيکاري سگهجن ٿا. ٽيبلو ختم ٿيڻ کانپوءِ استاد ٻارن آڏو هڪ هڪ پورهيت جي پاڻ وضاحت ڪري تہ جيئن ٻار آساني سان سمجهي سگهن.

## حل ٿيل مَشقَ

(الف) سوالن جا جواب:

1. پورهئي ۽ محنت بابت هن سبق ۾ جيڪي چوڻيون موجود آهن اهي هن ريت آهن:
   * پورهيو يا محنت ڪرڻ ۾ ڪوبہ عيب ناهي.
   * هنر مند يا پورهيت ڪڏهن بہ بک نہ مرندو آهي.
   * الله تعاليٰ ڪنهن جي بہ محنت ضايع نہ ڪندو آهي.
2. دنيا ۾ جديد کان جديد ايجادون انسانن جي محنت سان ممڪن ٿيون آهن.
3. لاڳيتو محنت ڪندڙ انسان ۽ قومون ترقيءَ جون سموريون منزلون حاصل ڪري بلنديءَ تي رسن ٿا.
4. جن قومن محنت ۽ پورهئي کان لنوايو آهي اهي سدائين پٺتي ئي رهجي ويون آهن. اهڙن ماڻهن ۽ قومن جو مستقبل اونداهو ئي هوندو آهي.

(ب) اسين جن پورهيتن سان ملندا آهيون هن ۾ ڊرائيور، استاد، ڊاڪٽر شامل آهن. ڊرائيور جيڪڏهن محنت ڪري صبح جو اسان کي اسڪول نہ آڻين تہ اسين سولائي سان اسڪول نہ پهچي سگهون. استاد جيڪڏهن محنت ڪري اسان کي نہ پڙهائين تہ اسين سولائي سان ڪوبہ سبق پڙهي نہ سگهون. ڊاڪٽر جيڪڏهن محنت ڪري اسان جو علاج نہ ڪري تہ اسين نہ ڄاڻ ڪيترين بيمارين ۾ وڪڙجي وڃون.

- سبق میں استعمال کی گئی کہاوتوں کو سامنے رکھتے ہوئے طلبا کو مثال دے کر سمجھائیے، جیسے ہنرمند یا محنت کش کبھی بھی بھوکا نہیں مرتا۔ اس کہاوت یا اس طرح کی دوسری کہاوتوں کو سامنے رکھ کر طلبا سے یہ پوچھا جائے کہ کیا انھوں نے یہ کہاوت سمجھ لی۔ طلبا کی عقل کے مطابق دنیا کی تاریخ سے مثال دے کر سمجھایا جائے کہ کون کون سی اقوام اور ممالک نے محنت کر کے خود کو منوایا ہے۔ جیسے چین اور پھر مثال دے کر یہ بھی سمجھایا جائے کہ جن ممالک نے محنت نہیں کی اور ان کو کن مشکلات کا سامنا کرنا پڑا ہے۔ پھر یہ سمجھائیے کہ اگر ہم محنت کرنا چھوڑ دیں تو ہمارا حال کیا ہوگا۔ گھر میں ہمیں کوئی پسند نہیں کرے گا اور نہ ہی معاشرے والے ہماری عزت کریں گے۔ طلبا کو یہ بھی بتایا جائے کہ محنت کرنے والے کو اللہ تعالیٰ بھی پسند کرتا ہے اور ایک حدیث بھی ہے کہ محنت کرنے والا اللہ کا دوست ہے۔
- موقع کی مناسبت سے طلبا کے سامنے امدادی اشیا رکھتے جائیں۔ طلبا کو سمجھایا جا سکتا ہے کہ ان کے علاوہ بھی کئی ایسی چیزیں ہیں جسے انسان نے اپنی محنت سے بنایا ہے، جیسے کھیتی باڑی کرنے والے کسان محنت کش کی تصویر دکھا کر کسان کی محنت پر دو سے تین جملے طلبا کو بتائے جائیں تا کہ طلبا درست طرح سبق کو سمجھ سکیں۔ سبق محنت میں عظمت میں موجود مشکل یا نئے الفاظ پر نشان لگوائیے۔ پھر طلبا سے باری باری سبق پڑھوائیے۔ سبق سمجھانے کے لیے کلاس میں پانچ منٹ کا ٹیبلو طلبا سے کروایا جا سکتا ہے جس میں مختلف محنت کش طلبا کو دکھائے جائیں۔ ٹیبلو کے اختتام پذیر ہونے کے بعد طلبا کے سامنے ایک ایک محنت کش کی خود وضاحت کیجیے، اس طرح طلبا بآسانی سبق سمجھ پائیں گے۔

## حل شدہ مشق:

(الف) سوالات کے جوابات:

۱۔ محنت کش کے بارے میں اس سبق میں جو کہاوتیں موجود ہیں وہ اس طرح ہیں۔

☆ مزدوری یا محنت کرنے میں کوئی عیب نہیں۔

☆ ہنرمند یا محنت کش کبھی بھی بھوکا نہیں مرتا۔

☆ اللہ تعالیٰ کسی کی بھی محنت ضایع نہیں کرتا۔

۲۔ دنیا میں جدید سے جدید ایجادات انسانوں کی محنت سے ممکن ہو پائی ہیں۔

۳۔ لگاتار محنت کرنے والے انسان اور اقوام ترقی کی ساری منزلیں طے کر کے بلندی پر پہنچ جاتی ہیں۔

۴۔ جن اقوام نے محنت اور مشقت سے دوری اختیار کی ہے وہ ہمیشہ پیچھے رہ گئیں۔ ایسے لوگوں اور قوموں کا مستقبل تاریک ہی ہوتا ہے۔

(ب) ہم جن محنت کشوں سے ملتے ہیں، ان میں ڈرائیور، استاد اور ڈاکٹر موجود ہیں۔ اگر ڈرائیور محنت کر کے صبح سویرے ہمیں اسکول نہ لائیں تو ہم بآسانی اسکول تک نہ پہنچ پائیں۔ استاد اگر محنت سے ہمیں نا پڑھائیں تو ہم بآسانی کوئی بھی سبق نہ پڑھ پائیں۔ ڈاکٹر اگر محنت کر کے ہمارا علاج نا کرے تو ہم نجانے کتنی بیماریوں میں گھرے رہیں۔

(ج) مذڪرن جا مونث:

| مذڪر | مونث |
|---|---|
| امير | اميرياڻي |
| هاري | هارياڻي |
| مريض | مريضياڻي |
| مالهي | مالهڻ |

**صفت عددي:**

اهڙا لفظ جيڪي جملي ۾ اسم جو انداز يا عدد ڏيکارين تن کي ”صفت عددي “ چئبو آهي.

(د) صفت عددي جا چار جملا:

1. اسلم ٻه صوف کاڌا.
2. بابا کي چار چاٻيون ڏي.
3. مون هڪ قلم خريد ڪيو.
4. پيرڻ کي ٽي ڪتاب ڏي.

(ج) مذکروں کے مونث:

| مذکر | مونث |
|---|---|
| امیر<br>کسان<br>مریض<br>مالی | امیرنی<br>کسان<br>مریضہ<br>مالن |

(د) وہ لفظ جو جملے میں اسم کا انداز یا تعداد ظاہر کرے اسے ''صفت عددی'' کہا جاتا ہے:

صفت عددی کے چار جملے:

۱۔ اسلم نے دو سیب کھائے۔

۲۔ ابو کو چار چابیاں دو۔

۳۔ میں نے ایک قلم خریدا۔

۴۔ بہن کو تین کتابیں دو۔



OXFORD
UNIVERSITY PRESS

## سبق ٽيون

# نعت

### مقصد

- شاگردن کي نعت جي معني ۽ مفهوم جي ڄاڻ ڏيڻ.
- حضرت محمد ﷺ جي حياتي جي چڱن مثالن جي ڄاڻ ڏيڻ.
- هو نعت پڙهڻ، سمجهڻ ۽ زباني ياد ڪرڻ جي قابل ٿي وڃن.
- نوان لفظ لکڻ ۽ انهن مان جملا ٺاهڻ جي صلاحيت حاصل ڪري سگهن.
- هو اهو ڄاڻي وٺن ته اسان جو نبي ﷺ سموري انسان ذات لاءِ ڪهڙو پيغام کڻي آيو.

### امدادي سامان

- بليڪ بورڊ
- نون ۽ ڏکين لفظن جا فليش ڪارڊ
- سَولي سنڌي ڪتاب 6، صفحو نمبر 6

### سکيا جو طريقو

- نعت پڙهائڻ کان اڳ ٻارن کان پڇيو وڃي ته ڇا هو ڪڏهن اهو سوچين ٿا ته اسان لاءِ حق جو پيغام ڪير کڻي آيو. نبي ڪريم ﷺ جي باري ۾ ٻارن کي ڪهڙي ڄاڻ آهي.
- ٻارن کي ٻڌايو ته اڄ اسين نعت پڙهندا سين جنهن مان اسان کي اها ڄاڻ ملندي ته اسان جو نبي سڳورو ﷺ اسان لاءِ ڪهڙو پيغام کڻي آيو. سبق جي ڪانپوءِ ڪتاب جو صفحو نمبر 6 کولرايو. نون لفظن جا فليش ڪارڊ ڏيکاريو ۽ انهن لفظن کي درست اُچار سان پڙهي ٻڌايو پوءِ نعت کي توهان (استاد) درست اُچار سان لفظ لفظ ڪري پڙهو. ٻار هر لفظ تي آڱر رکن ۽ ڌيان سان ٻڌن. هاڻي کين نعت جي معني ٻڌايو ته نعت اهڙا بيت آهن جنهن ۾ نبي سڳوري ﷺ جي تعريف بيان ڪئي وڃي. انهي کان پوءِ بيتن جي سمجهاڻي سولي لفظن ۾ ڪيو. جهڙوڪ: توهان جي اچڻ سان ڌرتي کي اعلىٰ مقام مليو آهي. توهان جو اچڻ ايترو سڳورو آهي جو تارن به نعت پڙهڻ شروع ڪئي آهي معني ته هن دنيا جا سمورا نظارا توهان جي تعريف ڪري رهيا آهن. انسانيت کي ته ايترو مان ۽ مرتبو مليل آهي جو جبريل عليه السلام پاڻ ﷺ توهان تي سوين سلام پڙهندو آيو آهي. پڙهڻ جي روشني هن پاڻ سان آندي آهي، جيترو سهڻو اسان جو نبي ﷺ آهي ته پاڻ سان اوترو ئي سهڻو ڪلام مطلب ته قرآن شريف اسان لاءِ آندو اٿس. سمورا بُت پور پور ٿيا آهن ۽ شرافت کي نئين حياتي ملي آهي، توهان ايترا نيڪ آهيو جو سمورو ڏيهه توهان تي قربان ٿيڻ لاءِ تيار آهي. هاڻي ڊپ ۽ زور زبردستي وارو نظام ختم ٿي ويو آهي، لک لک مبارڪون هجن جو هاڻي فيض عام ڪرڻ وارو آيو آهي.

سبق نمبر ۳

# نعت

## مقاصد

- طلبا کو نعت کے معنی اور مفہوم کی معلومات دینا۔
- حضرت محمد ﷺ کی حیاتِ طیبہ سے کئی اچھی مثالوں کی معلومات دینا۔
- وہ نعت پڑھنے، سمجھنے اور زبانی یاد کرنے کے قابل ہو جائیں۔
- نئے الفاظ لکھنے اور ان سے جملے بنانے کی صلاحیت حاصل کرسکیں۔
- وہ یہ جان لیں کہ ہمارے نبی ﷺ بنی نوع انسان کے لیے کون سا پیغام لے کر آئے۔

## امدادی اشیا

- تختۂ سیاہ
- نئے اور مشکل الفاظ کے فلیش کارڈ
- آسان سندھی کتاب ۶، صفحہ ۶

## طریقۂ تدریس

- نعت پڑھانے سے پہلے طلبا سے پوچھا جائے کہ کیا وہ کبھی یہ سوچتے ہیں کہ انسان کے لیے حق کا پیغام کون لے کر آیا، نبی کریم ﷺ کے بارے میں طلبا کو کیا معلوم ہے۔
- طلبا کو بتایئے کہ آج ہم نعت پڑھیں گے، جس سے ہمیں یہ پتہ چلے گا کہ ہمارے نبی ﷺ ہمارے لیے کون سا پیغام لے کر آئے۔ سبق کے اعلان کے بعد کتاب کا صفحہ نمبر ۶ کھلوایئے۔ نئے الفاظ کے فلیش کارڈ دکھایئے اور ان الفاظ کے درست ہجے کرکے بتایئے۔ پھر سبق کو درست ہجے سے لفظ بہ لفظ پڑھیے۔طلبا ہر لفظ پر انگلی رکھیں اور دھیان سے سنیں۔ اب انھیں نعت کے معنی بتایئے کہ نعت ایسے اشعار ہوتے ہیں جس میں نبی کریم ﷺ کی تعریف بیان کی جائے۔ اس کے بعد اشعار کی تشریح آسان الفاظ میں کی جائے۔ جیسے آپ ﷺ کے آنے سے اس دھرتی کو اعلیٰ مقام ملا ہے۔ آپ ﷺ کا یہاں تشریف لانا اتنا اچھا ثابت ہوا ہے کہ تاروں نے بھی نعت پڑھنا شروع کردی ہے۔ ساری دنیا کے نظارے آپ ﷺ کی تعریف کر رہے ہیں۔ انسانیت کو ایسا مرتبہ ملا ہے کہ جبرائیل علیہ السلام بھی آپ ﷺ پر سیکڑوں سلام پڑھتے ہیں۔ نبی کریم ﷺ پڑھنے کی روشنی بھی اپنے ساتھ لائے ہیں۔ جتنے خوبصورت ہمارے نبی ﷺ ہیں اپنے ساتھ اتنا ہی خوب صورت کلام یعنی قرآن مجید بھی ہمارے لیے لائے ہیں۔تمام بُت چُور چُور ہو گئے ہیں اور شرافت کو نئی زندگی ملی ہے۔ آپ ﷺ اتنے نیک ہیں کہ تمام دیس آپ پر قربان ہونے کے لیے تیار ہے۔ اب خوف اور زبردستی والا نظام بھی ختم ہو گیا ہے۔ لاکھوں مبارک باد ہوں کہ اب فیض عام کرنے والے آگئے ہیں۔

اي مصطفيﷺ توهان تان شاعر ”جوهر بروهي“ بہ گھور ٿئي، توهان تہ هن ڪائنات لاءِ امام ٿي سامهون آيا آهيو. مٿي ڏنل سمجهاڻي ڪي توهان پنهنجن لفظن ۾ بہ ٻارن کي سمجهائي سگهو ٿا.

- نعت ۾ موجود ڏکين يا نون لفظن تي نشان لڳرايو. پوءِ نعت ٻارن کان واري واري پڙهائيو. پوءِ ٻن ٻارن کان جوڙي جي صورت ۾ واري واري پڙهائيو جنهن ۾ هڪ سٺو پڙهڻ وارو هجي ۽ ٻيو ٿوري ڏکيائي محسوس ڪندو هجي. پوءِ پنجن ٻارن جو گروپ جوڙي پڙهائيو وڃي. جنهن کان پوءِ سڀ ٻار توهان سان گڏجي نعت پڙهن. اهڙي ريت آساني سان ٻارن کي نعت ياد ٿي ويندي.

## حل ٿيل مَشقَ

(الف) سوالن جا جواب:

1. حمد اهي بيت هوندا آهن جنهن ۾ الله سائين جي تعريف بيان ڪيل هوندي آهي جڏهن تہ نعت اهي بيت هوندا آهن جنهن ۾ اسان جي نبي سڳوريﷺ جي تعريف بيان ڪيل هوندي آهي.
2. مٿين نعت ۾ شاعر ”اقراء“ لفظ کي پڙهڻ جي معني ۾ استعمال ڪيو آهي ۽ انسانن تي زور ڀريو آهي تہ هو پڙهي ڄاڻن تہ توهان پڙهو تہ ڇا سچ آهي ۽ ڇا ڪوڙ آهي.
3. نعت جي چوٿين بند ۾ شاعر بُتن جي ڀور ٿيڻ ۽ شرافت کي نئين حياتي ملڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي.

(ب) مٿين نعت ۾ هينيان لفظ هم آواز آهن:

مقام، خيرالانام، سلام، ڪلام، نيڪنام، عام، امام.

(ج) ”حالت ندا“ جا ٽي جملا:

1. اڙي! اڪرم هوڏانهن وڃ.
2. اڙي بابا! هي ڪهڙو ڪم آهي.
3. اڙي يار! تون حيدرآباد وڃ.

اے مصطفی ﷺ آپ پر شاعر 'جوہر بروہی' بھی واری جائے۔ آپ ﷺ تو اس کائنات کے لیے امام بن کر سامنے آئے ہیں۔ یہ تشریح آپ اپنے الفاظ میں بھی بیان کر سکتے ہیں۔

- نعت میں موجود مشکل یا نئے الفاظ پر نشان لگوائیے۔ طلبا سے نعت باری باری پڑھوائیے، پھر دو طلبا سے جوڑی کی صورت میں باری باری پڑھوائیے جن میں ایک اچھا پڑھنے والا ہو اور دوسرا تھوڑی سی دشواری محسوس کرتا ہو۔ پھر پانچ طلبا کا گروپ بنا کر نعت پڑھوائی جائے جس کے بعد سب طلبا آپ کے ساتھ مل کر نعت پڑھیں۔ اس طرح طلبا کو نعت بآسانی یاد ہو جائے گی۔

## حل شدہ مشق

(الف) سوالات کے جوابات:

۱۔ حمد وہ اشعار ہوتے ہیں جس میں اللہ تعالیٰ کی تعریف بیان کی گئی ہو، جبکہ نعت وہ اشعار ہوتے ہیں جس میں ہمارے نبی کریم ﷺ کی تعریف کی گئی ہو۔

۲۔ مذکورہ نعت میں شاعر نے لفظ 'اقراء' کو پڑھنے کے معنی میں استعمال کیا ہے اور انسانوں پر زور دیا ہے کہ وہ پڑھ کر جانیں کہ کیا سچ ہے اور کیا جھوٹ۔

۳۔ نعت کے چوتھے بند میں شاعر نے بُتوں کے چُور چُور ہونے اور شرافت کو نئی زندگی ملنے کی بات کی ہے۔

(ب) مذکورہ نعت میں درج ذیل الفاظ ہم آواز ہیں۔

مقام، خیرالانام، سلام، کلام، نیک نام، عام، امام۔

(ج) حالت ندا کے تین جملے:

۱۔ ارے! اکرم وہاں جاؤ۔

۲۔ ارے بابا! یہ کیا کام ہے۔

۳۔ ارے یار! تم حیدر آباد جاؤ۔

## سبق چوٿون

# زراعت ۾ انقلاب

### مقصد

- شاگردن کي سبق زراعت ۾ انقلاب جي مفهوم جي ڄاڻ ڏيڻ.
- نوان لفظ لکڻ ۽ انهن مان جملا ناهڻ جي صلاحيت حاصل ڪري سگهن.
- هو اهو ڄاڻي وٺن ته زراعت ۾ انقلاب ڪيئن آيو ڪيئن هاري محنت ڪري هر ڪاهي ٿو هن اڳ ۾ ڪيئن محنت ڪئي ۽ پوءِ هن لاءِ ڪهڙيون سولائيون پيدا ٿيون.
- ٻار اها ڄاڻ به حاصل ڪري سگهن ته زراعت جي انقلاب ۽ سائنس ۾ ڪهڙو تعلق آهي سائنس جي جديد ايجادن زراعت جي شعبي ۾ ڪهڙيون آسانيون پيدا ڪيون آهن.

### امدادي سامان

- بليڪ بورڊ
- ٽريڪٽر، ٽريشر، هر، ڏاند گاڏي وغيره جون تصويرون
- سَولي سنڌي ڪتاب 6، صفحو نمبر 8

### سکيا جو طريقو

- سبق زراعت ۾ انقلاب پڙهائڻ کان اڳ ٻارن کان پڇيو وڃي ته ڇا هو ڪڏهن اهو سوچين ٿا ته اسان جي ملڪ جا هاري اڳي ڪيئن محنت ڪندا هئا ۽ هاڻي هو ڪهڙي ريت محنت ڪري رهيا آهن، هر ڪاهڻ ۾ ڪيتري محنت ڪئي ويندي هُئي ٽريڪٽر جي ايجاد هن ڪم کي ڪيترو آسان ڪيو آهي
- ٻارن کي ٻڌايو ته اڄ اسين سبق زراعت ۾ انقلاب پڙهندا سين جنهن مان اسان کي اها ڄاڻ ملندي ته جيڪڏهن انسان محنت ڪري ته هو هر شعبي ۾ ڪهڙي ريت انقلاب آڻي سگهي ٿو. سبق جي اعلان ڪانپوءِ ڪتاب جو صفحو نمبر 8 کولرايو ۽ سبق زراعت ۾ انقلاب کي توهان (استاد) درست اُچار سان لفظ لفظ ڪري پڙهو ٻار هر لفظ تي آڱر رکن ۽ ڌيان سان ٻڌن. هاڻي کين سبق زراعت ۾ انقلاب جو تت ٻڌايو ته هاري کان وٺي هڪ سائنسدان تائين ڪهڙي ريت هر ڪو پورهيو ڪري ٿو. هي سڀ انهي محنت جو نتيجو آهي جنهن جو اسين ۽ اسان جا هاري فائدو ڪٽي رهيا آهيون، جيئن جيئن دور تبديل ٿيندو رهيو ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ هر شعبي ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو تيئن زراعت جي شعبي ۾ پڻ نوان لاڙا پيدا ٿيا ۽ نيون نيون ايجادون ٿيڻ لڳيون. انهن ايجادن صدين کان وٺي پنهنجي ٻانهن جي ٻلَ تي ڪم ڪندڙ پورهيت هاريءَ جي ڪم ۾ تمام گهڻي سهولت جو سامانُ پيدا ڪري ڇڏيو.

سبق نمبر ۴

# زراعت میں انقلاب

## مقاصد

- طلبا کو زراعت میں انقلاب سبق کے مفہوم کی معلومات مہیا کرنا۔
- نئے الفاظ لکھنے اور ان سے جملے بنانے کی صلاحیت حاصل کر پائیں۔
- وہ یہ جان لیں کہ زراعت میں انقلاب کیسے آیا، کیسے کسان سخت محنت کرکے ہل چلا کر اناج اُگاتا ہے۔ کسان نے پہلے کیسے محنت کی اور اب اس کے لیے کیا سہولیات ہیں۔
- طلبا یہ معلومات بھی حاصل کرسکیں کہ زراعت کے انقلاب اور سائنس میں کیا تعلق ہے؟ سائنس کی جدید ایجادات نے زراعت کے شعبے میں کون سی آسانیاں پیدا کی ہیں۔

## امدادی اشیا

- تختۂ سیاہ
- ٹریکٹر، تھریشر، ہل، بیل گاڑی وغیرہ کی تصاویر
- آسان سندھی کتاب ۶، صفحہ نمبر ۸

## طریقۂ تدریس

- سبق پڑھانے سے پہلے طلبا سے پوچھا جائے کہ کیا وہ کبھی یہ سوچتے ہیں کہ ہمارے ملک کے کسان پہلے کس طرح محنت کرتے تھے اور اب وہ کس طرح محنت کر رہے ہیں، ہل چلانے میں پہلے کتنی محنت درکار تھی اور ٹریکٹر کی ایجاد نے اب اس کام کو کتنا آسان کیا ہے۔
- طلبا کو بتائیے کہ آج ہم سبق ''زراعت میں انقلاب'' پڑھیں گے، جس سے ہمیں یہ معلوم ہوگا کہ اگر انسان محنت کرے تو وہ ہر شعبے میں کس طرح انقلاب لا سکتا ہے۔ سبق کے اعلان کے بعد کتاب کا صفحہ نمبر ۸ کھلوائیے اور سبق کو درست تلفظ کے ساتھ پڑھیے۔ طلبا ہر لفظ پر انگلی رکھیں اور دھیان سے سنیں، اب انھیں سبق کا خلاصہ بتائیے کہ کسان سے لے کر ایک سائنسدان تک کس طرح ہر ایک محنت کرتا ہے۔ یہ سب اس محنت کا نتیجہ ہے جس کا ہم سب فائدہ اٹھا رہے ہیں۔ جیسے جیسے دور تبدیل ہوتا گیا اور جدید ٹیکنالوجی نے ہر شعبے میں انقلاب برپا کر دیا، ویسے ویسے زراعت کے شعبے میں بھی نئے دور کا وقت آیا اور نئی نئی ایجادات ہونے لگیں۔ ان ایجادات نے صدیوں سے اپنے بازوؤں کے بل پر کام کرنے والے محنت کش کسان کے کام میں بھی بہت زیادہ سہولت کا سامان پیدا کر دیا۔


OXFORD
UNIVERSITY PRESS

- انهي ڪان پوءِ سبق ۾ استعمال ٿيل ايجادن ڪي آسان لفظن ۾ شاگردن ڪي سمجهايو ۽ ٻڌايو تہ هن دنيا جي ماڻهن ڪهڙي ريت محنت ڪري زراعت جي شعبي ۾ انقلاب آندو آهي. سبق جي حوالي سان گڏ مثال ڏيندا هلو تہ جيئن ٻار آساني سان سبق جي اصل مقصد کي ڄاڻي سگهن. سبق ۾ استعمال ٿيل زراعت جي نين ايجادن کي سامهون رکندي ٻارن کي مثال ڏنا وڃن جهڙوڪ هر ۽ انهيءَ ڪانپوءِ ٽريڪٽر ۽ ٿريشر جي ايجاد.
- موقعي ۽ مناسبت جي حساب سان مددي شين کي واري واري سان ٻارن جي سامهون رکندا وڃو ۽ ٻارن کي اهو سمجهائي سگهجي ٿو تہ انهي ڪان سواءِ ٻيون بہ ڪيتريون شيون آهن جن کي انسان پنهنجي محنت سان جوڙي راس ڪيو آهي جهڙوڪ ٻني ٻارو ڪندڙ هاري جي تصوير ڏيکاري هاري جي پورهيت تي بہ ٽي جملا ٻارن کي ٻڌايا وڃن. سبق زراعت ۾ انقلاب ۾ موجود ڏکين يا نون لفظن تي نشان لڳرايو پوءِ سبق ٻارن کان واري واري پڙهائيو.

## حل ٿيل مَشقَ

(الف) سوالن جا جواب:

1. آڳاٽي زماني ۾ هاري گهڻي اُپت حاصل ڪرڻ لاءِ ٻنيءَ تي تمام گهڻي محنت ڪندا هئا. هُو پرهہ ڦٽيءَ جو زمين تي پهچي ڪم جي شروعات ڪندا ۽ سانجهيءَ تائين پتوڙيندا هئا. هو زمين کي سڌي ڪرڻ لاءِ پاڻ هر ڪاهيندا ۽ وري پاڻ ئي ڪوڙر سان ڪِريا ٺاهيندا ۽ وري واهہَ مان ننڍيون ننڍيون ناليون ڪڍي زمين کي پاڻي ڏيندا هئا.
2. جديد ۽ نئين دور جي ايجادن ۾ ٽريڪٽر هاريءَ جي ڪيترن ئي ڪمن کي تمام سولو ۽ سستو بڻائي ورتو آهي. ٽريڪٽر وسيلي نہ رڳو زمين کي ڪيڙي، هَرُ ڏئي سڌو ڪيو وڃي ٿو پر ان ٽريڪٽر جي مدد سان ٿريشر هلائي اَنَ کي گاهہ کان ڌار ڪيو وڃي ٿو ۽ وري اَنُ اناج ميندبين يا گودامن تائين پهچائڻ ۾ بہ وري اهو ئي ٽريڪٽر هاريءَ جي ڪم اچي ٿو.
3. جديد دور ۾ زمينن کي پاڻي ڏيڻ لاءِ ڊيزل تي هلندڙ انجڻن وسيلي زمينن کي پنهنجي مرضيءَ مطابق پاڻي ڏنو وڃي ٿو.
4. سائنسي کوجنائن جي وسيلي ٻجن جون نيون نيون جنسون تيار ڪيون ويون آهن، جن ۾ في ايڪڙ اپت اڳي جي ڀيٽ ۾ تمام گهڻي آهي. ان ڪان سواءِ ٻوٽن ۾ پيوندڪاريءَ جو نهايت ئي سولو طريقو ايجاد ڪيو ويو آهي. جنهن سان ٻوٽن ۽ وڻن کي مختصر عرصي دوران فصل لائق بڻائي، ان مان ججهي پيداوار پڻ حاصل ڪري سگهجي ٿي.
5. اُسريل ملڪن ۾ تہ نهايت ئي جديد قسم جون مشينون ايجاد ٿينديون رهن ٿيون، جن وسيلي فصلن جي ڪٽائي، سڌائيءَ، ٻج ڇٽڻ سميت ٻيا ڪيترائي ڪم ڪري سگهجن ٿا.

(ب) آڳاٽي زماني ۾ هاري جي استعمال ۾ ايندڙ شيون مثال طور هر، پاڃاري، ڏاند گاڏي وغيره جون تصويرون هٿ ڪري پنهنجي ڪاپيءَ ۾ هڻو.

(ج) اسان وٽ زراعت جي شعبي ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون مشينون موجود آهن انهن سڀني جون تصويرون پنهنجي ڪاپيءَ ۾ هڻو.

- اس کے بعد سبق میں استعمال کی گئی ایجادات کو آسان الفاظ میں سمجھایئے اور بتایئے کہ اس دنیا کے لوگوں نے محنت کرکے کس طرح زراعت کے شعبے میں انقلاب برپا کیا۔ سبق کے حوالے سے مثال دیتے چلیں تاکہ طلبا بآسانی سبق کے اصل مقصد کو جان سکیں۔ سبق میں مذکورہ زراعت کی نئی ایجادات کو سامنے رکھتے ہوئے طلبا کو مثالیں دی جائیں جیسے ہل اور اس کے بعد ٹریکٹر اور تھریشر کی ایجاد۔
- موقع اور مناسبت کے حوالے سے امدادی اشیا کو باری باری طلبا کے سامنے رکھتے جایئے اور سمجھایئے کہ ان کے علاوہ اور بھی کتنی ایسی چیزیں ہیں جنھیں انسان نے اپنی محنت سے بنایا ہے۔ جیسے کھیتی باڑی کرنے والے کسان کی تصویر دکھا کر کسان کی محنت پر دو سے تین جملے طلبا کو بتائے جائیں۔ سبق میں موجود مشکل یا نئے الفاظ پر نشان لگوایئے، پھر طلبا سے باری باری سبق پڑھوایئے۔

## حل شدہ مشق

(الف) سوالات کے جوابات:

۱۔ پرانے زمانے میں کسان زیادہ اناج حاصل کرنے کے لیے کھیتوں میں بہت زیادہ محنت کرتے تھے۔ وہ سورج نکلتے ہی زمین پر پہنچ کر کام کی شروعات کرتے تھے اور شام تک محنت کرتے تھے۔ وہ زمین کو ہموار کرنے کے لیے خود ہل چلاتے اور پھر خود ہی بیلچے سے نشان بناتے تھے اور نہروں سے چھوٹی چھوٹی نالیاں بنا کر زمین کو پانی دیا کرتے تھے۔

۲۔ جدید اور نئے دور کی ایجادات میں ٹریکٹر نے کسان کے بہت سے کاموں کو آسان اور سستا بنا دیا ہے۔ ٹریکٹر سے نہ صرف ہل چلا کر زمین کو سیدھا کیا جا سکتا ہے بلکہ اس ٹریکٹر کی مدد سے تھریشر چلا کر اناج کو گھاس سے الگ بھی کیا جا سکتا ہے۔ پھر اناج منڈیوں اور گوداموں تک پہنچانے میں بھی یہی ٹریکٹر اس کی مدد کرتا ہے۔

۳۔ جدید دور میں ڈیزل سے چلنے والے انجن کے ذریعے زمینوں کو اپنی مرضی کے مطابق پانی دیا جا سکتا ہے۔

۴۔ سائنسی تحقیق کے ذریعے بیج کی نئی نئی اقسام تیار کی گئی ہیں جن سے فی ایکڑ پیداوار پہلے سے زیادہ ہے۔ اس کے علاوہ پودوں میں پیوندکاری کا نہایت ہی آسان طریقہ ایجاد کیا گیا ہے جس سے پودوں اور درختوں کو مختصر عرصے میں فصل کے قابل بنا کر اس سے زیادہ پیداوار بھی حاصل کی جا سکتی ہے۔

۵۔ ترقی یافتہ ممالک میں تو انتہائی جدید اقسام کی مشینیں ایجاد ہوتی رہتی ہیں جن کے ذریعے فصلوں کی کٹائی، زمین ہموار کرنے، بیج ڈالنے کے ساتھ ساتھ اور بھی کام کیے جا سکتے ہیں۔

(ب) طلبا سے پرانے زمانے میں کھیتی باڑی کے لیے استعمال ہونے والی اشیا کے نام پوچھیے۔ رسالوں یا اخبارات سے ان کی تصاویر کاپی میں چپکانے کی ہدایات دیجیے۔

(ج) موجودہ زمانے میں زراعت کے لیے استعمال ہونے والی اشیا کی تصاویر رسالوں یا اخبارات سے تلاش کرکے کاپی میں لگانے کی ہدایت دیجیے۔

(د) مختصر نوٽ:

هاريءَ جو ڪم ڪرڻ جو پراڻو طريقو انتهائي محنت طلب ڪم آهي جنهن سان هو ٿڪجي پوي ٿو. هن جو وقت بہ تمام گهڻو لڳي ٿو ۽ اهڙي طريقي سان هن جا پئسا بہ گهڻا خرچ ٿي وڃن ٿا پر جيڪڏهن هو جديد طريقن کي اختيار ڪري، ڪم ڪري تہ هو ٿڪجندو بہ ڪونہ ۽ هُن جو قيمتي وقت ۽ پئسا بہ بچي ويندا. جديد سائنسي ايجادن کي اختيار ڪرڻ ئي ڏاهپ جي نشاني آهي.

(هہ) اسم خاص ۽ اسم عام جي وصف:

اسم خاص: ڪنهن بہ ماڻهو ساهواري، جاءِ يا شيءِ جي خاص مقرر ڪيل نالي کي "اسم خاص" چئبو آهي. مثال طور: امانت علي، لاهور وغيره. هتي امانت علي هڪ خاص ماڻهو جو نالو آهي ۽ لاهور وري خاص شهر جو نالو آهي.

اسم عام: اهو اسم جيڪو ڪنهن ماڻهو ساهواري، جاءِ يا شيءِ جو عام نالو هجي ان کي "اسم عام" چئبو آهي. مثال طور: ماڻهو، گهوڙو، اسڪول وغيره. هتي ماڻهو، گهوڙو ۽ اسڪول عام آهن، انهن تي ڪو خاص نالو رکيل ناهي ان ڪري کين اسم عام چئجي ٿو.

(د) مختصر نوٹ:

کسان کے کام کرنے کا پرانا طریقہ انتہائی محنت طلب ہے جس سے وہ تھک جاتا ہے۔ اس کا وقت بھی بہت زیادہ صرف ہوتا ہے اور اس طریقے سے اس کے پیسے بھی زیادہ خرچ ہو جاتے ہیں لیکن اگر وہ جدید طریقوں کو اختیار کر کے کام کرے تو وہ تھکے گا بھی نہیں اور اس کا قیمتی وقت اور پیسے بھی بچ جائیں گے۔ سائنسی ایجادات کو اختیار کرنا ہی عقلمندی کی نشانی ہے۔

(ہ) اسم خاص اور اسم عام کی تعریف:

- اسم خاص: کسی بھی آدمی، جاندار، جگہ یا چیز کے خاص مقرر کردہ نام کو 'اسم خاص' کہا جاتا ہے۔

مثال: امانت علی، لاہور وغیرہ۔ یہاں امانت علی ایک خاص آدمی کا نام ہے اور لاہور ایک خاص شہر کا نام ہے۔

- اسم عام: وہ اسم جو کسی شخص، جاندار، جگہ یا چیز کا عام نام ہو اسے 'اسم عام' کہا جاتا ہے۔

مثال: آدمی، گھوڑا، اسکول وغیرہ۔ یہاں آدمی، گھوڑا اور اسکول عام ہیں، ان کا کوئی خاص نام نہیں رکھا گیا ہے۔ اس وجہ سے انھیں اسم عام کہا جاتا ہے۔

سبق پنجون

# خلائي جهاز

## مقصد

- شاگردن کي خلائي جهاز سبق جي مفهوم جي ڄاڻ ڏيڻ.
- نوان لفظ لکڻ ۽ انهن مان جملا ٺاهڻ جي صلاحيت حاصل ڪري سگهن.
- هوا هو ڄاڻي وٺن ته جهاز ۽ خلائي جهاز ۾ ڪهڙو فرق آهي.
- ٻارن کي اها ڄاڻ ملي ته خلاباز خلا ۾ ڪهڙي ريت تحقيق ڪندا آهن.
- ٻارن کي اها ڄاڻ ملي سگهي ته ناسا ڪهڙو ڪم ڪري رهيو آهي.

## امدادي سامان

- بليڪ بورڊ
- مختلف خلائي جهازن جون تصويرون
- سَولي سنڌي ڪتاب 6، صفحو نمبر 11

## سکيا جو طريقو

- سبق خلائي جهاز پڙهائڻ کان اڳ ٻارن کان پڇيو وڃي ته ڇا هو ڪڏهن اهو سوچين ٿا ته هڪ عام جهاز ۽ خلائي جهاز ۾ ڪهڙو فرق آهي.
- ٻارن کي ٻڌايو ته اڄ اسين سبق خلائي جهاز پڙهندا سين جنهن مان اسان کي اها ڄاڻ ملندي ته هڪ عام جهاز ۽ خلائي جهاز ۾ ڪهڙو فرق آهي. هڪ عام جهاز خلا ۾ ڇو نٿو وڃي سگهي ۽ هڪ خلائي جهاز ڪهڙي ريت خلا ۾ وڃي سگهي ٿو. سبق جي اعلان ڪانپوءِ ڪتاب جو صفحو نمبر 11 کولرايو. سبق کي توهان (استاد) درست اُچار سان لفظ لفظ ڪري پڙهو ٻار هر لفظ تي آڱر رکن ۽ ڌيان سان ٻڌن. هاڻي کين سبق جو تت ٻڌايو ته ڪنهن جهاز جو خلا ۾ وڃڻ ناممڪن آهي پر جيڪڏهن هتي پهچي وڃي ته هتان واپسي ناممڪن آهي ۽ اهو ڪم ڪهڙي ريت خلائي جهاز ممڪن ڪري ڇڏيو آهي. سبق جي حوالي سان مثال ڏيندا هلو ته جيئن ٻار آساني سان سبق جي اصل مقصد کي ڄاڻي سگهن. سبق ۾ استعمال ٿيل خلائي جهاز جي حصن جي وضاحت ڪئي وڃي. خلا ۾ تحقيق ڪندڙ آمريڪي اداري ناسا جي مختصر ڄاڻ ٻارن کي ڏني وڃي
- موقعي ۽ مناسبت جي لحاظ سان مددي شين کي واري واري سان ٻارن جي سامهون رکندا وڃو. سڄو سبق سمجهائڻ کان پوءِ ٻارن کان ٿي جملا ٻڌا وڃن ته جيئن استاد کي خبر پئجي سگهي ته ٻارن سبق مان ڇا سکيو آهي. سبق ۾ موجود ڏکين يا نون لفظن تي نشان لڳرايو پوءِ سبق ٻارن کان واري واري پڙهائيو.

سبق نمبر ۵

# خلائی جہاز

## مقاصد

- طلبا کو خلائی جہاز سبق کے مفہوم کی معلومات مہیا کرنا۔
- نئے الفاظ لکھنا اور ان سے جملے بنانے کی صلاحیت حاصل کرسکیں۔
- وہ یہ جان لیں کہ جہاز اور خلائی جہاز میں کیا فرق ہے۔
- طلبا کو یہ معلومات ملے کہ خلاباز خلا میں کس طرح تحقیق کرتے ہیں۔
- طلبا کو یہ معلومات مل سکے کہ ناسا کیا کام کر رہا ہے۔

## امدادی اشیا

- تختۂ سیاہ
- مختلف خلائی جہازوں کی تصاویر
- آسان سندھی کتاب ۶، صفحہ نمبر ۱۱

## طریقۂ تدریس

- سبق ''خلائی جہاز'' پڑھانے سے پہلے طلبا سے یہ پوچھا جائے کہ کیا وہ یہ کبھی سوچتے ہیں کہ ایک عام جہاز اور خلائی جہاز میں کیا فرق ہے۔
- طلبا کو بتایئے کہ آج ہم سبق ''خلائی جہاز'' پڑھیں گے جس سے ہمیں یہ معلومات ملیں گی کہ ایک عام جہاز اور خلائی جہاز میں کیا فرق ہے۔ ایک عام جہاز خلا میں کیوں نہیں جا سکتا اور ایک خلائی جہاز کس طرح خلا میں جا سکتا ہے۔ سبق کے اعلان کے بعد کتاب کا صفحہ نمبر ۱۱ کھلوایئے۔ سبق درست لہجے سے لفظ بہ لفظ پڑھیے۔ طلبا ہر لفظ پر انگلی رکھیں اور دھیان سے سنیں۔ اب انھیں سبق کا مطلب بتایئے کہ کس طرح عام جہاز کا خلا میں جانا ناممکن ہے، لیکن اگر وہ پہنچ جائے تو وہاں سے واپسی ناممکن ہے اور یہ کام کس طرح خلائی جہاز نے ممکن کر دیا ہے۔ سبق کے حوالے سے مثال دیتے چلیں جس سے طلبا آسانی سے سبق کے اصل مقصد کو جان سکیں۔ سبق میں خلائی جہاز کے حصوں کی وضاحت کی جائے۔ خلا میں تحقیق کرنے والے امریکی ادارے ناسا کے بارے میں مختصر معلومات طلبا کب دی جائے۔
- موقع کی مناسبت سے امدادی اشیا باری باری طلبا کے سامنے رکھتے جایئے۔ تمام سبق سمجھانے کے بعد طلبا سے تین جملے سنیے تاکہ یہ معلوم ہو سکے کہ طلبا نے سبق سے کیا سیکھا ہے۔ سبق میں موجود مشکل یا نئے الفاظ پر نشان لگوایئے۔ پھر سبق طلبا سے باری باری پڑھوایئے۔

## حل ٿيل مَشقَ

(الف) سوالن جا جواب:

1. سواري لاءِ عام طور تي ڪتب ايندڙ جهاز کي ”هوائي جهاز“ چيو ويندو آهي، پر اهڙو جهاز جنهن جي بناوت عام جهاز کان مختلف هجي ۽ اهو هوا کان مٿي خلا ۾ سفر ڪري سگهي ته اهڙي جهاز کي ”خلائي جهاز“ چيو ويندو آهي.
2. هڪ خلائي جهاز ۾ رڳو 5 کان 8 خلا بازئي سفر ڪري سگهندا آهن.
3. خلائي جهاز ٽن اهم حصن ۾ ورهايل هوندو آهي جن ۾ هڪ حصو آربيٽر، ٻيو ٽينڪ ۽ ٽيون سالڊ راڪٽ بوسٽر تي ٻڌل هوندو آهي.
4. آربيٽر خلائي جهاز جو اهو اهم حصو آهي جنهن ۾ خلاباز رهندا آهن ۽ اهو حصو هڪ عام جهاز وانگر هوندو آهي. خلائي جهاز جو ٻيو حصو ان جي ٻاهران هوندو آهي جنهن کي ٽينڪ به چئبو آهي. اها ٽينڪ ٻارڻ پرڻ جي ڪم ايندي آهي. جنهن تي اهو خلائي جهاز هلندو آهي. سالڊ راڪٽ بوسٽر خلائي جهاز جو اهو حصو هوندو آهي جيڪو خلائي جهاز کي ڏڪڻ ۾ ان جي مدد ڪندو آهي.
5. خلا ۾ تحقيق ڪندڙ آمريڪي ادارو ”ناسا“ گذريل ٽيهن سالن کان خلائي جهاز جو استعمال ڪري رهيو آهي.

(ب) خلائي جهاز جون مختلف تصويرون هٿ ڪري، پنهنجي ڪاپي ۾ لڳايو.

(ج) جملن جو اُردوءَ ۾ ترجمو:

خلائی جہاز میں خلابازوں کو تحقیق میں مدد دینے کے لیے مختلف قسم کے آلے نصب ہوتے ہیں۔ آربیٹر خلائی جہاز کا اہم حصہ ہوتا ہے جس میں خلاباز رہتے ہیں۔

(د) فعل جا ٽي جملا:

1. هوءَ ٽيليويزن ڏسي رهي آهي.
2. مون کي خط لکڻو آهي.
3. اسلم مارڪيٽ وڃي رهيو آهي.

## حل شدہ مشق

(الف) سوالات کے جوابات:

۱۔ سواری کے لیے عام طور پر استعمال ہونے والے جہاز کو 'ہوائی جہاز' کہا جاتا ہے۔ مگر ایسا جہاز جس کی بناوٹ عام جہاز سے مختلف ہو اور وہ ہوا سے اوپر خلا میں سفر کر سکے، ایسے جہاز کو خلائی جہاز کہا جاتا ہے۔

۲۔ ایک خلائی جہاز میں صرف ۵ سے ۸ خلاباز ہی سفر کر سکتے ہیں۔

۳۔ خلائی جہاز کے تین اہم حصے ہوتے ہیں جس میں ایک حصہ آربیٹر، دوسرا ٹینک اور تیسرا سالڈ راکٹ بوسٹر پر مشتمل ہوتا ہے۔

۴۔ آربیٹر خلائی جہاز کا وہ اہم حصہ ہوتا ہے جس میں خلاباز رہتے ہیں اور وہ حصہ ایک عام جہاز کی طرح ہوتا ہے۔ خلائی جہاز کا دوسرا حصہ اس کے باہر ہوتا ہے جسے ٹینک بھی کہا جاتا ہے۔ یہ ٹینک ایندھن بھرنے کے کام آتا ہے جس سے یہ خلائی جہاز چلتا ہے۔ سالڈ راکٹ بوسٹر خلائی جہاز کا وہ حصہ ہوتا ہے جو خلائی جہاز کو آگے کی جانب دھکیلنے میں اس کی مدد کرتا ہے۔

۵۔ خلا میں تحقیق کرنے والا امریکی ادارہ 'ناسا' گزشتہ تیس سالوں سے خلائی جہاز کا استعمال کر رہا ہے۔

(ب) خلائی جہاز کی مختلف تصاویر جمع کر کے اپنی کاپی میں لگائیے۔

(ج) جملوں کا اردو میں ترجمہ:

- خلائی جہاز میں خلا بازوں کو تحقیق میں مدد دینے کے لیے مختلف قسم کے آلے نصب ہوتے ہیں۔ آربیٹر خلائی جہاز کا اہم حصہ ہوتا ہے جس میں خلاباز رہتے ہیں۔

(د) فعل کے تین جملے:

۱۔ وہ ٹیلی ویژن دیکھ رہی ہے۔

۲۔ مجھے خط لکھنا ہے۔

۳۔ اسلم بازار جا رہا ہے۔

## سبق ڇهون

# ايڪو

### مقصد

- شاگردن کي ايڪي جي معني ۽ مفهوم جي ڄاڻ ڏيڻ.
- کين انهي قابل ڪرڻ ته هو نظم ايڪو پڙهڻ، سمجهڻ ۽ زباني ياد ڪرڻ جي قابل ٿي وڃن.
- نوان لفظ لکڻ ۽ انهن مان جملا ناهڻ جي صلاحيت حاصل ڪري سگهن
- هو اهو ڄاڻي وٺن ته اسان جي ڀلائي انهي ۾ آهي ته اسين ايڪي سان رهون.

### امدادي سامان

- بليڪ بورڊ
- سَولي سنڌي ڪتاب 6، صفحو نمبر 14

### سکيا جو طريقو

- نظم ايڪو پڙهائڻ کان اڳ ٻارن کان پڇيو وڃي ته ڇا هو ڪڏهن اهو سوچين ٿا ته ٻڌي ۽ ايڪو ڇا کي چئبو آهي، هڪ ٿي رهڻ ۾ ڪهڙا فائدا آهن. جيڪڏهن ٻڌي نه هوندي ته ڪهڙو نقصان ٿيندو.
- ٻارن کي ٻڌايو ته اڄ اسين نظم ايڪو پڙهندا سين جنهن مان اسان کي چڱي نموني اها ڄاڻ ملندي ته ايڪو رکڻ سان ڪهڙا فائدا آهن. سبق جي اعلان کانپوءِ ڪتاب جو صفحو نمبر 14 کولرايو. نون لفظن جا فليش ڪارڊ ڏيکاريو ۽ انهن لفظن کي درست اُچار سان پڙهي ٻڌايو. پوءِ نظم کي توهان (استاد) درست اُچار سان لفظ لفظ ڪري پڙهو ٻار هر لفظ تي آڱر رکن ۽ ڏيان سان ٻڌن. هاڻي کين نظم ايڪو جي معني ٻڌايو. انهي کان پوءِ بيتن جي سمجهاڻي آسان لفظن ۾ ڪريو. جهڙوڪ: دنيا ۾ اها قوم ئي اڳتي وڌي سگهي آهي جيڪا پاڻ ۾ ٻڌي ۽ ايڪو رکي ٿي. پاڻ ۾ جيڪڏهن ٻڌي هوندي ته انهن کي تاريخ ۾ ڪوبہ مٽائي نہ سگهندو. جيڪڏهن اسين پاڻ ۾ ٻڌي ۽ ايڪو رکندا سين ته اسان کي دنيا جون تمام گهڻيون ڪاميابيون ملنديون. جيڪڏهن ڪنهن قوم ۾ ٻڌي ۽ ايڪو نہ آهي ته انهي جو مقدر تباهي ۽ بربادي آهي. هڪ سدائين اڪيلو هوندو آهي. ٻڌي ۽ ايڪي کان جيڪو ڀڄندو رهي ٿو ته اهو سدائين ناڪامي کي منهن ڏيندو رهي ٿو. تنهنڪري اسان کي گهرجي ته پاڻ ۾ گڏجي سڏجي رهون.
- بيت جي سمجهاڻي کان پوءِ ٻارن آڏو دنيا جي ٻڌي ۽ ايڪي مان ڪجهه مثال سامهون رکجن ته جيئن ٻار آساني سان نظم جو مفهوم سمجهي سگهن. نظم ۾ موجود ڏکين يا نون لفظن تي نشان لڳرايو. پوءِ نظم ٻارن کان واري واري پڙهائيو. پوءِ ٻن ٻارن کان جوڙي جي صورت ۾ واري واري پڙهائيو جنهن ۾ هڪ سنو پڙهڻ وارو هجي ۽ ٻيو ٿوري ڏکيائي محسوس ڪندو هجي. جنهن کان پوءِ سڀ ٻار توهان سان گڏجي نظم ايڪو پڙهن. اهڙي ريت آساني سان ٻارن کي نظم ياد ٿي ويندو.

سبق نمبر ۶

# اتحاد

## مقاصد

طلبا کو اتحاد کے معنی اور مفہوم کی معلومات مہیا کرنا۔
انھیں اس قابل کرنا کہ وہ نظم اتحاد پڑھنے، سمجھنے اور زبانی یاد کرنے کے قابل ہو جائیں۔
نئے الفاظ لکھنے اور ان سے جملے بنانے کی صلاحیت حاصل کرسکیں۔
وہ یہ جان لیں کہ ہماری بھلائی اسی میں ہے کہ ہم اتحاد سے رہیں۔

## امدادی اشیا

تختۂ سیاہ
آسان سندھی کتاب ۶، صفحہ نمبر ۱۴

## طریقۂ تدریس

- پڑھانے سے پہلے طلبا سے پوچھا جائے کہ کیا وہ کبھی یہ سوچتے ہیں کہ ایک ہو کر رہنا کسے کہا جاتا ہے، ایک ہو کر رہنے میں کیا فوائد ہیں، اگر اتحاد نہ ہوتو کیا نقصان ہوگا۔
- طلبا کو بتایئے کہ آج ہم نظم 'اتحاد' پڑھیں گے جس سے ہمیں یہ اچھی طرح معلوم ہوگا کہ اتحاد کے کیا کیا فوائد ہیں۔ سبق کے اعلان کے بعد کتاب کا صفحہ نمبر ۱۴ کھلوایئے۔ نئے الفاظ کے فلیش کارڈ دکھایئے اور ان الفاظ کو درست ہجے سے پڑھ کر سنایئے۔ پھر نظم درست لہجے سے لفظ بہ لفظ پڑھیے۔ طلبا ہر لفظ پر انگلی رکھیں اور دھیان سے سنیں۔ اب انھیں نظم 'اتحاد' کے معنی بتایئے۔ اس کے بعد اشعار کا خلاصہ آسان الفاظ میں کیا جائے مثلاً دنیا میں وہی قوم آگے بڑھ سکی ہے جو آپس میں اتحاد رکھتی ہے۔ آپس میں اگر اتحاد ہوگا تو انھیں تاریخ میں کوئی بھی مٹا نہیں سکے گا۔ اگر ہم آپس میں اتحاد رکھیں گے تو ہمیں دنیا کی بہت ساری کامیابیاں حاصل ہوں گی۔ جس قوم میں اتحاد نہ ہو تو اس کا مقدر تباہی اور بربادی ہے۔ ایک ہمیشہ اکیلا ہوتا ہے۔ جو اتحاد سے دور بھاگتا رہے گا وہ ہمیشہ ناکامی کا سامنا کرتا رہے گا۔ اس لیے ہمیں چاہیے کہ آپس میں مل جل کر رہیں۔
- اشعار کے خلاصے کے بعد طلبا کے سامنے دنیا کے اتحاد کے بارے میں کچھ مثالیں سامنے رکھی جائیں کہ طلبا آسانی سے نظم اتحاد کا مفہوم سمجھ پائیں۔ نظم میں موجود مشکل یا نئے الفاظ پر نشان لگوایئے۔ پھر نظم طلبا سے باری باری پڑھوایئے۔ دو طلبا سے جوڑی کی صورت میں باری باری نظم پڑھوایئے جن میں ایک اچھا پڑھنے والا اور دوسرا تھوڑی دشواری سے پڑھنے والا ہو۔ اس کے بعد سب طلبا آپ کے ساتھ مل کر نظم پڑھیں۔ یوں بآسانی طلبا کو نظم یاد ہو جائے گی۔


OXFORD
UNIVERSITY PRESS

## حل ٿيل مَشقَ

(الف) سوالن جا جواب:

1. شاعر جي خيال ۾ اهي قومون اڳتي وڌي سگهنديون آهن جيڪي پاڻ ۾ ايڪو ۽ ٻڌي رکنديون آهن.
2. شاعر جي خيال ۾ اهي قومون جلد تباهه ٿي وڃن ٿيون جيڪي پاڻ ۾ ٻڌي ۽ ايڪو نہ رکنديون آهن.
3. شاعر موجب ٻہ ۽ ٽہ ٻارهن واري چوڻي سدائين سچ ثابت ٿئي ٿي.
4. ناڪامي اهڙي ماڻهو جي نصيب ۾ ايندي آهي جيڪو ٻڌي ۽ ايڪي کان ڀڄندو آهي.

(ب) اوهان ڪلاس ۾ سڀيئي ٻار هٿُ هٿَ ۾ ڏيئي ايڪي ۽ ٻڌي جو مظاهرو ڪندي هي نظم سُر ۾ لئہ سان گڏجي ڳايو.

(ج) ايڪي ۽ ٻڌي لاءِ چوڻيون.

1. ايڪو هڪ وڏي طاقت آهي.
2. ٻڌي ۾ برڪت آهي.

(د) هيٺ ڏنل لفظ وجهي جملا ٺاهيو:

جا، جو جي

1. سارنگ جو اسڪول پري آهي.
2. هيءَ عليزا جي گُڏي آهي.
3. سياڻي حسيب جا پيپر آهن.

## حل شدہ مشق

(الف) سوالات کے جوابات:

۱۔ شاعر کے خیال میں وہی اقوام آگے بڑھ پاتی ہیں جو آپس میں اتحاد رکھتی ہیں۔

۲۔ شاعر کے خیال میں وہ اقوام جلد تباہ ہو جاتی ہیں جو آپس میں اتحاد نہیں رکھ پاتیں۔

۳۔ شاعر کے مطابق ''دو، بارہ ہوتے ہیں'' والی کہاوت ہمیشہ سچ ثابت ہوتی ہے۔

۴۔ ناکامی ایسے آدمی کے نصیب میں آتی ہے جو اتحاد سے بھاگتا ہے۔

(ب) جماعت میں سب طلبا ہاتھ میں ہاتھ دے کر یہ نظم اتحاد کا مظاہرہ کرتے ہوئے سُر اور لے سے گائیں۔

(ج) اتحاد اور اتفاق سے متعلق چند کہاوتیں درج ذیل ہیں:

۱۔ اتحاد ایک عظیم طاقت ہے۔

۲۔ اتفاق میں برکت ہے۔

(د) مندرجہ ذیل الفاظ کی مدد سے جملے مکمل کریں:

کا، کے، کی

۱۔ سارنگ کا اسکول دور ہے۔

۲۔ یہ علیزا کی گڑیا ہے۔

۳۔ کل حسیب کے امتحانات ہیں۔

## سبق ستون

# ميڊيا

### مقصد

- شاگردن کي ميڊيا سبق جي مفهوم جي ڄاڻ ڏيڻ.
- کين انهي قابل ڪرڻ ته هو سبق پڙهڻ، سمجهڻ ۽ انهي جو مقصد ياد ڪرڻ جي قابل ٿي وڃن.
- نوان لفظ لکڻ ۽ انهن مان جملا ٺاهڻ جي صلاحيت حاصل ڪري سگهن.
- هو اهو ڄاڻي وٺن ته ميڊيا جو شعبو اسان جي زندگي ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي.
- ٻارن کي اها ڄاڻ ملي ته ميڊيا جي نه هئڻ يا هئڻ سان ڪهڙو فرق پئجي سگهي ٿو.
- ٻارن کي اها ڄاڻ ملي سگهي ته پاڪستان ۾ ميڊيا جا ڪهڙا ادارا ڪم ڪري رهيا آهن.

### امدادي سامان

- بليڪ بورڊ
- ميڊيا سان لاڳاپيل مختلف ٽُول جهڙوڪ، اخبار، ريڊيو، سمارٽ فون
- سَولي سنڌي ڪتاب 6، صفحو نمبر 16

### سکيا جو طريقو

- سبق ميڊيا پڙهائڻ کان اڳ ٻارن کان پڇيو وڃي ته ڇا هو ڪڏهن اهو سوچين ٿا ته اسان تائين دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان خبرون ڪيئن پهچن ٿيون، اسان کي پرپاسي جي ماحول جي ڪهڙي ريت خبر پئي ٿي.
- ٻارن کي ٻڌايو ته اڄ اسين سبق ميڊيا پڙهندا سين جنهن مان اسان کي اها ڄاڻ ملندي ته ميڊيا ڇا کي چئبو آهي. ميڊيا مطلب ته سُڌ سَماءَ جي مکيه وسيلن ۾ ميڊيا جو ڪهڙو ڪردار آهي. ميڊيا وسيلي اسين پنهنجي ڳالهه کي ڪهڙي ريت ٻين آڏو پيش ڪري سگهون ٿا، ۽ ميڊيا جا ڪهڙا قسم آهن. سبق جي اعلان کانپوءِ ڪتاب جو صفحو نمبر 16 کولرايو. نون لفظن جا فليش ڪارڊ ڏيکاريو ۽ انهن لفظن کي درست اُچار سان پڙهي ٻڌايو پوءِ سبق ميڊيا کي توهان (استاد) درست اُچار سان لفظ لفظ ڪري پڙهو ٻار هر لفظ تي آڱر رکن ۽ ڌيان سان ٻڌن. هاڻي کين ٻڌايو ته ميڊيا جا ٽي اهم قسم آهن جن ۾ پرنٽ ميڊيا، اليڪٽرانڪ ميڊيا ۽ سوشل ميڊيا شامل آهن. پرنٽ ميڊيا ۾ اخبارون، رسالا، ڪتاب ۽ ٻيو مواد اچي وڃي ٿو سبق جي دوران پرنٽ ميڊيا جي اهميت ٻارن آڏو پڌري ڪئي وڃي. اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ ٽي وي چينل، ريڊيو ۽ ايف ايم اچي وڃن ٿا، هن وسيلي جي اهميت به ٻارن کي پڌري ڪئي وڃي. انهي کانپوءِ سوشل ميڊيا جي باري ۾ ڄاڻ ڏيندي اهو ٻڌايو وڃي ته ان ۾ فيس بڪ، ٽيوٽر، يوٽيوب ۽ ٻيون سوشل سائيٽون اچي وڃن ٿيون، جنهن وسيلي اسين نه رڳو تصويرون سڄي دنيا ۾ پهچائي سگهون ٿا پر اسين پنهنجو موقف لکت ۾ به ٻين آڏو رکي مجرائي سگهون ٿا.

سبق نمبر ۷

# میڈیا

## مقاصد

- طلبا کو 'میڈیا' سبق کے مفہوم کی معلومات مہیا کرنا۔
- انھیں اس قابل بنانا کہ وہ سبق پڑھنے، سمجھنے اور اس کا مقصد یاد کرنے کے قابل ہو جائیں۔
- نئے الفاظ لکھنے اور ان سے جملے بنانے کی صلاحیت حاصل کر سکیں۔
- وہ یہ جان لیں کہ میڈیا کا شعبہ ہماری زندگی میں کیا کردار ادا کر رہا ہے۔
- طلبا کو یہ معلومات مل سکے کہ میڈیا کے ہونے یا نہ ہونے سے کیا فرق پڑ سکتا ہے۔
- طلبا کو یہ معلومات مل سکے کہ پاکستان میں میڈیا کے کون سے ادارے کام کر رہے ہیں؟

## امدادی اشیا

- تختۂ سیاہ
- میڈیا کے متعلق مختلف ٹول جیسا کہ اخبار، ریڈیو، اسمارٹ فون
آسان سندھی کتاب ۶، صفحہ نمبر ۱۶

## طریقۂ تدریس

- سبق پڑھانے سے پہلے طلبا سے پوچھا جائے کہ کیا وہ کبھی یہ سوچتے ہیں کہ دنیا کے دور دراز علاقے سے خبریں کیسے پہنچتی ہیں، ہمیں اپنے گرد ونواح کے ماحول کی خبر کس طرح معلوم ہوتی ہے۔
- طلبا کو بتائیے کہ آج ہم سبق ''میڈیا'' پڑھیں گے جس سے ہمیں یہ معلومات ملیں گی کہ میڈیا کسے کہا جاتا ہے، خبروں کے وسائل میں میڈیا کا کیا کردار ہے، میڈیا کے ذریعے ہم اپنی بات کو کس طرح دوسروں کے سامنے پیش کر سکتے ہیں اور میڈیا کی کون سی اقسام ہیں، سبق کے اعلان کے بعد کتاب کا صفحہ نمبر ۱۶ کھلوائیے۔ نئے الفاظ کے فلیش کارڈ دکھائیے اور ان الفاظ کو درست لہجے سے پڑھ کر سنائیے۔ پھر سبق درست لہجے سے لفظ بہ لفظ پڑھیے۔ طلبا ہر لفظ پر انگلی رکھیں اور دھیان سے سنیں۔ اب انھیں بتائیے کہ میڈیا کی تین اہم اقسام ہیں جس میں پرنٹ میڈیا، الیکٹرانک میڈیا اور سوشل میڈیا شامل ہیں۔ پرنٹ میڈیا میں اخبارات، رسالے، کتابیں اور دوسرا مواد شامل ہوتا ہے۔ الیکٹرانک میڈیا میں ٹی وی چینل، ریڈیو اور ایف ایم آجاتے ہیں۔ سبق کے دوران ان میڈیا کی اہمیت بھی طلبا کے سامنے رکھی جائے۔ ان سب کے بعد سوشل میڈیا کے بارے میں معلومات دیتے ہوئے یہ بتایا جائے کہ اس میں فیس بک، ٹوئٹر، یوٹیوب اور دوسری سوشل سائٹس آجاتی ہیں جس کے ذریعے ہم نہ صرف تصاویر ساری دنیا میں پہنچا سکتے ہیں بلکہ اپنا موقف لکھ کر دوسروں کے سامنے رکھ سکتے ہیں۔

- انهي ڪان پوءِ سبق ۾ استعمال ٿيل ايجادن ڪي آسان لفظن ۾ شاگردن کي سمجهايو ۽ ٻڌايو ته ميڊيا ڪهڙي ريت اهو ممڪن ڪري ڏيکاريو آهي. سبق جي حوالي سان مثال ڏيندا هلو ته جيئن ٻار آساني سان سبق جي اصل مقصد کي ڄاڻي سگهن. سبق ۾ استعمال ٿيل ميڊيا جي مخلتف قسمن جي وضاحت ڪئي وڃي. هن وقت اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ ڪهڙا ادارا ڪم ڪري رهيا آهن، پرنٽ ميڊيا ۾ هن وقت ڪهڙا ادارا ڪم ڪري رهيا آهن، سوشل ميڊيا ۾ هن وقت ڪهڙيون سائيٽون گهڻيون مقبول ۽ مشهور آهن. سڀني جي ترتيبوار وضاحت ڪندا هلو.
- موقعي ۽ مناسبت جي لحاظ سان مددي شين کي واري واري سان ٻارن جي سامهون رکندا وڃو سڄو سبق سمجهائڻ کان پوءِ ٻارن کان ٽي جملا ٻڌا وڃن ته جيئن استاد کي خبر پئجي سگهي ته ٻارن سبق مان ڇا سکيو آهي. سبق ۾ موجود ڏکين يا نون لفظن تي نشان لڳرايو پوءِ سبق ٻارن کان واري واري پڙهائيو.
3. جنهن جاءِ تي صفائي هوندي آهي تہ اتي بيماري بہ برباد ٿي ويندي آهي.

(ب) گهر ۽ گِهٽيءَ جي صفائي بابت جواب مختصر نوٽ:

اسين پنهنجي گهر ۾ روز صفائي ڪندا آهيون. صفائي جي دوران اهو خيال رکيو ويندو آهي تہ ڪٿي گدلاڻ نہ رهي پنهنجي گهر جي صفائي سان گڏ گڏ اسين پنهنجي گهٽي جي صفائي جو بہ ڌيان رکندا آهيون ۽ جيڪڏهن گند ڪچرو ڏسڻ ۾ اچي تہ جلد کان جلد اسين انهيءَ کي ڪچري جي ٽوڪري ۾ وجهي ڇڏيندا آهيون.

(ج) صفائي وارو عملو نہ اچي ۽ گندگي وڌي وڃي تہ اسان کي گهرجي تہ اسين پاڻ ئي انهي جاءِ جي صفائي شروع ڪري ڏيون ۽ جيڪڏهن ايئن نہ ڪندا سين تہ اتي ڪيترين ئي بيمارين پکڙجي ويندين ۽ اهي بيماريون اسان کي ۽ اسان جي ٻارن کي بيمار ڪنديون.

(د) اهڙا لفظ جن کي سندن اصلي حيثيت مان گهٽائي ننڍو ڪري بيان ڪيو وڃي، اهڙن لفظن کي اسم تصغير چيو ويندو آهي. سنڌيءَ ۾ اسم کي ننڍو ڪرڻ لاءِ لفظ جي پڇاڙي ۾ "ڙو" لڳايو ويندو آهي.

پنج اسم تصغير:

1. ديگ مان ديڳڙو
2. ادي مان اڏڙو
3. ننڍي مان ننڍڙو
4. وڏي مان وڏڙو
5. ڳالهہ مان ڳالهڙو

- موقع کی مناسبت سے امدادی اشیا کو باری باری طلبا کے سامنے رکھتے جائیں۔ تصاویر دکھا کر طلبا کو ان کی وضاحت کی جائے۔ نظم بچّے کی نگہداشت میں موجود مشکل اور نئے الفاظ پر نشان لگوائیے۔ پھر نظم طلبا سے باری باری پڑھوائیے۔ پھر دو طلبا سے جوڑے کی صورت میں باری باری پڑھوائیے جس میں ایک اچھا پڑھنے والا ہو اور دوسرا تھوڑی دشواری محسوس کرتا ہو۔ پھر پانچ طلبا کا گروپ بنا کر پڑھوایا جائے۔ جس کے بعد سب طلبا آپ کے ساتھ مل کر نظم پڑھیں۔ اس طرح بآسانی طلبا کو یہ نظم یاد ہو جائے گی۔

## حل شدہ مشق

(الف) سوالات کے جوابات:

۱۔ جس بچّے کی بہتر نگہداشت ہوتی ہے تو اس کے گالوں پر لالی پھول کی مثال ہوتی ہے۔

۲۔ گندے رہنے سے ماں باپ کے لیے اس کی زندگی وبال ہوتی ہے۔

۳۔ جس جگہ پر سادگی اور صفائی ہوتی ہے وہاں پر بیماری بھی برباد ہو جاتی ہے۔

(ب) آپ اپنے گھر اور گلی کی کس طرح صفائی کرتے ہیں؟ اپنے الفاظ میں مختصر مضمون:

ہم اپنے گھر میں روز صفائی کرتے ہیں۔ صفائی کے دوران یہ خیال رکھا جاتا ہے کہ کہیں گندگی نہ رہے، گھر کی صفائی کے ساتھ ساتھ ہم اپنی گلی کی صفائی کا بھی دھیان رکھتے ہیں اور اگر کوئی کچرا دکھائی دے تو جلد سے جلد ہم اسے کوڑے دان میں ڈال دیتے ہیں۔

(ج) صفائی والا عملہ نہ آئے اور گندگی بڑھ جائے تو ہمیں کیا کرنا چاہیے؟

صفائی والا عملہ نہ آئے اور گندگی بڑھ جائے تو ہمیں چاہیے کہ ہم خود ہی اس جگہ کی صفائی کرنا شروع کر دیں اور اگر اس طرح نہیں کریں گے تو وہاں نجانے کتنی بیماریاں اپنا گھر بنا لیں گی اور وہ بیماریاں ہمیں اور ہمارے بچّوں کو بیمار کریں گی۔

(د) ایسے الفاظ جن کو ان کی اصل حیثیت سے گھٹا کر چھوٹا بنا کر بیان کیا جائے، ایسے الفاظ کو 'اسم تصغیر' کہا جاتا ہے۔ سندھی میں اسم کو چھوٹا کرنے کے لیے لفظ کے آخر میں 'ڑو' لگایا جاتا ہے۔

پانچ اسم تصغیر:

۱۔ ديگ مان ديگڙو

۲۔ ادي مان ادڙو

۳۔ ننڍي مان ننڍڙو

۴۔ وڏي مان وڏڙو

۵۔ ڳالھ مان ڳالھڙو



OXFORD
UNIVERSITY PRESS

سبق ايڪيهون

# ٽي بيءَ جو مرضُ

## مقصد

- شاگردن کي ٽي بيءَ جو مرضُ سبق جي مفهوم جي ڄاڻ ڏيڻ.
- ٻارن کي بيمارين جي باري ۾ ڄاڻ ملي سگهي.
- کين انهي قابل ڪرڻ ته هو سبق پڙهڻ، سمجهڻ ۽ انهي جو مقصد ياد ڪرڻ جي قابل ٿي وڃن.
- نوان لفظ لکڻ ۽ انهن مان جملا ناهڻ جي صلاحيت حاصل ڪري سگهن.
- هو اهو ڄاڻي وٺن ته ٽي بي ڇا کي چئبو آهي.
- ٻارن کي اها ڄاڻ ملي سگهي ته ٽي بي کان بچاءُ لاءِ ڪهڙا اپاءُ وٺڻ گهرجن.

## امدادي سامان

- بليڪ بورڊ
- ٽي بي مرض سان لاڳاپيل ڪجهه تصويرون.
- سَولي سنڌي ڪتاب 6، صفحو نمبر 53

## سکيا جو طريقو

- سبق پڙهائڻ کان اڳ ٻارن کان پڇيو وڃي ته ٽي بي ڇا کي چئبو آهي، اسان جي پر پاسي ۾ ڪهڙا مرض پکڙ جي رهيا آهن، توهان کي ٽي بيءَ جي بچاءُ بابت ڪهڙي ڄاڻ آهي.
- ٻارن کي ٻڌايو ته اڄ اسين سبق ”ٽي بيءَ جو مرضُ“ پڙهندا سين. سبق جي ڪانپوءِ ڪتاب جو صفحو نمبر 53 کولرايو. نون لفظن جا فليش ڪارڊ ڏيکاريو ۽ انهن لفظن کي درست اُچار سان پڙهي ٻڌايو پوءِ سبق کي توهان (استاد) درست اُچار سان لفظ لفظ ڪري پڙهو ٻار هر لفظ تي آڱر رکن ۽ ڌيان سان ٻڌن. هاڻي کين سبق جو تت ٻڌايو ته هي مرض مائيڪرو بيڪٽيريا جي وسيلي ٿيندو آهي، هي مرض وڏي عمر جي ماڻهن ۽ ننڍن ٻارن کي جلد وڪوڙي ويندو آهي، اهو مرض هڪ پيرو جيوڙا لڳڻ سان ڪونه ٿيندو آهي. جڏهن انساني جسم ۾ قوت مدافعت گهٽجي ويندي آهي ته پوءِ اهي جيوڙا ٽي بي جي صورت ۾ جاڳي پوندا آهن. اهو ٻڌائيندا هلو ته ٽي بي جا جيوڙا ڦهريون پيرو ڦڦڙن کان سواءِ چمڙيءَ ۾ ٿيل ڪنهن زخم ۾ داخل ٿي سگهن ٿا. پوءِ ٻارن کي ٽي بي جون علامتون سمجهايو ۽ ٻڌايو ته انهي ۾ ٽي هفتا يا انهي کان وڌيڪ کنگه رهڻ، بلغم ۾ رت اچڻ، لاڳيتو هلڪو بخار رهڻ، سُمهڻ مهل پگهر اچڻ، ڇاتيءَ ۾ سُور پوڻ، بک جو گهٽ لڳڻ، وزن جو گهٽجڻ ۽ هر ڪم کان پوءِ جلدي ٿڪجي پوڻ شامل آهن. شاگردن کي اهو ٻڌايو ته جيڪڏهن اهي علامتون سامهون اچن ته مريض جي بروقت چڪاس ٿيڻ گهرجي ۽ علاج ۾ ڪنهن به قسم جي ڪا ڪوتاهي نه ٿيڻ

سبق نمبر ۲۱

# ٹی بی کا مرض

## مقاصد

- طلبا کو سبق ٹی بی کا مرض کے مفہوم کی معلومات مہیا کرنا۔
- طلبا کو بیماریوں کے بارے میں معلومات مل سکے۔
- انھیں اس قابل کرنا کہ وہ سبق پڑھنے، سمجھنے اور اس کا مقصد یاد کرنے کے قابل ہو جائیں۔
- نئے الفاظ لکھنے اور ان سے جملے بنانے کی صلاحیت حاصل کر سکیں۔
- وہ یہ جان لیں کہ ٹی بی کسے کہا جاتا ہے۔
- طلبا کو یہ معلومات مل سکیں کہ ٹی بی سے کیسے بچا جائے اور اس کی تشخیص کیسے ہو۔

## امدادی اشیا

- تختۂ سیاہ
- ٹی بی مرض سے وابستہ کچھ تصاویر
- آسان سندھی کتاب ۶، صفحہ نمبر ۵۳

## طریقۂ تدریس

- سبق پڑھانے سے پہلے طلبا سے یہ پوچھا جائے کہ ٹی بی کسے کہا جاتا ہے، ہمارے گرد ونواح میں کون سے امراض پھیل رہے ہیں، آپ کو ٹی بی سے بچنے کے بارے میں کیا معلوم ہے۔
- طلبا کو بتایئے کہ آج ہم سبق ''ٹی بی کا مرض'' پڑھیں گے۔ سبق کے اعلان کے بعد کتاب کا صفحہ نمبر ۵۳ کھلوایئے۔ نئے الفاظ کے فلیش کارڈ دکھایئے اور ان الفاظ کو درست ہجے سے پڑھ کر سنایئے۔ پھر سبق درست تلفظ سے پڑھیے۔ طلبا ہر لفظ پر انگلی رکھیں اور دھیان سے سنیں۔ اب انھیں بتایئے کہ یہ مرض مائیکرو بیکٹیریا کی وجہ سے ہوتا ہے۔ یہ مرض بڑی عمر کے لوگوں اور بچّوں کو جلد اپنی لپیٹ میں لے لیتا ہے۔ یہ مرض ایک مرتبہ جراثیم لگنے سے نہیں ہوتا ہے۔ جب انسانی جسم میں قوت مدافعت کم ہو جاتی ہے تو پھر یہ جراثیم ٹی بی کی صورت میں جاگ جاتے ہیں۔ یہ بھی بتایئے کہ ٹی بی کے جراثیم پہلی مرتبہ پھیپھڑوں کے علاوہ جلد میں ہوئے کسی زخم کے ذریعے اندر داخل ہو سکتے ہیں۔ پھر طلبا کو ٹی بی کی علامات سمجھایئے اور بتایئے کہ اس میں تین ہفتے یا اس سے زیادہ کھانسی کا ٹھہرنا، بلغم میں خون آنا، لگا تار ہلکا بخار رہنا، سوتے وقت پسینہ آنا، سینے میں درد رہنا، بھوک کا کم لگنا، وزن کا کم ہونا اور ہر کام کے بعد جلدی تھک جانا شامل ہیں۔ طلبا کو یہ بتایئے کہ اگر یہ علامات سامنے آئیں تو مریض کو بروقت ڈاکٹر کے پاس جا کر اپنا چیک اپ کروانا چاہیے اور علاج میں کسی



OXFORD UNIVERSITY PRESS

گھرجي. ٻارن کي ٻڌايو تہ اهو ياد رکڻ گھرجي تہ جيڪڏهن علاج هلندو رهي تہ اهو مرض ختم ٿي سگهي ٿو. انهي کان پوءِ سبق ۾ استعمال ٿيل ڏکين لفظن تي شاگردن کان نشان لڳرايو پوءِ انهن لفظن کي بورڊ تي لکي ٻارن کي آسان لفظن ۾ سمجهايو. سبق جي حوالي سان گڏ مثال ڏيندا هلو تہ جيئن ٻار آساني سان سبق جي اصل مقصد کي ڄاڻي سگهن. سبق ۾ استعمال ٿيل مثالن جي وضاحت ڪئي وڃي. سيني جي ترتيبوار وضاحت ڪندا هلو تہ جيئن ٻار آساني سان سبق سمجهي سگهن.

- سڄو سبق سمجهائڻ کان پوءِ ٻارن کان ٻہ ٽي جملا ٻڌا وڃن تہ جيئن استاد کي خبر پئجي سگهي تہ ٻارن سبق مان ڇا سکيو آهي.

## حل ٿيل مَشقَ

(الف) سوالن جا جواب:

1. هي مرض گهٽي پاڳي پوئتي پيل ملڪن ۾ عام ٿئي ٿو.
2. هي مرض پنجن سالن کان گهٽ عمر وارن ٻارن ۽ وڏي عمر واري ماڻهن کي جلد ورکوڙي ويندو آهي.
3. ٽي بي جي جيوڙن جو رنگ ڳاڙهو ٿئي ٿو ۽ انهن جي ڊيگهہ ٻہ کان چار مائيڪرو ميٽر ٿئي ٿي.
4. ٻارڙن ۾ ٽي بي جي جيوڙن جي ڪري ڪاڏي جي سرشتي ۽ ڦڦڙن ۾ ٽي بي ٿئي ٿي جڏهن تہ وڏي عمر وارن ماڻهن ۾ چمڙيءَ ۽ چم جي سرشتي ۾ اها بيماري عام ٿيندي آهي.
5. ٽي بي جي علامتن ۾ جيڪي عام علامتون ڏٺيون وڃن ٿيون، انهن ۾ ٽي هفتا يا ان کان وڌيڪ کنگهہ جو هجڻ، بلغم ۾ رت اچڻ، لاڳيتو هلڪو بخار رهڻ، سُمهڻ مهل پگهر اچڻ، ڇاتيءَ ۾ سُور پوڻ، بک جو گهٽ لڳڻ، وزن جو گهٽجڻ ۽ هر ڪم کان پوءِ جلدي ٿڪجي پوڻ شامل آهن.
6. جڏهن ڪنهن مريض ۾ ٽي بي جون اهي علامتون ظاهر ٿيڻ لڳن تہ ان مريض جي رت ۽ بلغم جي چڪاس ڪرائجي ۽ ڇاتيءَ جو ايڪسري ڪڍرايو وڃي.

(ب) خالي جاين جا لفظ:

1. ٽي بي
2. 50
3. ٽي بي
4. سالن

بھی قسم کی کوئی کوتاہی نہیں برتنی چاہیے۔ طلبا کو بتائیے کہ یہ یاد رکھنا چاہیے کہ اگر علاج جاری رہے تو یہ مرض ختم بھی ہوسکتا ہے۔ اس کے بعد سبق میں استعمال شدہ مشکل الفاظ پر نشان لگوائیے اور پھر ان الفاظ کو بورڈ پر لکھ کر طلبا کو آسان الفاظ میں سمجھائیے۔ سبق کے حوالے سے مثالیں دیتے چلیں جس سے طلبا سبق کے اصل مقصد کو جان لیں۔ سبق میں استعمال شدہ مثالوں کی وضاحت کی جائے۔ سب کی ترتیب وار وضاحت کرتے چلیں جس سے طلبا آسانی سے سبق سمجھ پائیں۔

- تمام سبق سمجھانے کے بعد طلبا سے دو یا تین جملے سنے جائیں جس سے استاد کو یہ پتا چل سکے کہ طلبا نے سبق سے کیا سیکھا ہے۔

## حل شدہ مشق

(الف) سوالات کے جوابات:

۱۔ یہ مرض زیادہ تر ترقی پذیر ملکوں میں عام ہوتا ہے۔

۲۔ یہ مرض پانچ سال سے کم عمر کے بچّوں اور بڑی عمر کے لوگوں میں جلد پھیل جاتا ہے۔

۳۔ ٹی بی کے جراثیم کا رنگ سرخ ہوتا ہے اور ان کی لمبائی دو سے چار مائیکرومیٹر ہوتی ہے۔

۴۔ بچّوں میں ٹی بی کے جراثیم کی وجہ سے کھانے کے نظام اور پھیپھڑوں میں ٹی بی ہوتی ہے جبکہ بڑی عمر میں جلد سے اس بیماری کے جراثیم داخل ہوتے ہیں۔

۵۔ ٹی بی کی جو علامات دیکھی جاسکتی ہیں ان میں تین ہفتے سے زیادہ کھانسی کا رہنا، بلغم میں خون آنا، لگاتار ہلکا بخار رہنا، سوتے ہوئے پسینہ آنا، سینے میں درد ہونا، بھوک کا کم لگنا، وزن کا کم ہونا اور ہر کام کے بعد جلدی تھک جانا شامل ہے۔

۶۔ جب کسی مریض میں ٹی بی کی یہ علامات ظاہر ہونے لگیں تو اس مریض کے خون اور بلغم کا ٹیسٹ کروایا جائے اور سینے کا ایکسرے کروایا جائے۔

(ب) خالی جگہوں کے الفاظ:

۱۔ ٹی بی

۲۔ ۵۰

۳۔ ٹی بی

۴۔ سالوں


OXFORD
UNIVERSITY PRESS

(ج) ناڪاري جملا:

| ناڪاري جملا | هاڪاري جملا |
| --- | --- |
| ٽي بي جو مرض خطرناڪ نہ آهي.<br>پاڪستان ۾ ٽي بي جي مريضن جو انگ گھٽ نہ آهي.<br>ٽي بي جو مرض ننڍڙن ٻارڙن ۽ پوڙهن ماڻهن ڪي جلد وڪوڙي نٿو وجهي. | ٽي بي جو مرض خطرناڪ آهي.<br>پاڪستان ۾ ٽي بي جي مريضن جو انگ گھٽ آهي.<br>ٽي بي جو مرض ننڍڙن ٻارڙن ۽ پوڙهن ماڻهن ڪي جلد وڪوڙي وجهي ٿو. |

(د) فعل لازمي جا ڪجھ مثال:

1. برسات آئي.
2. سج نڪتو.
3. اسلم لکيو.
4. بابا ڪاڙو.

(ج) منفی جملے:

| مثبت جملے | منفی جملے |
|---|---|
| ٹی بی کا مرض خطرناک ہے۔<br>پاکستان میں ٹی بی کے مریضوں کی تعداد کم ہے۔<br>ٹی بی کا مرض چھوٹے بچّوں اور بوڑھوں میں جلد پھیل جاتا ہے۔ | ٹی بی کا مرض خطرناک نہیں ہے۔<br>پاکستان میں ٹی بی کے مریضوں کی تعداد کم نہیں ہے۔<br>ٹی بی کا مرض چھوٹے بچّوں اور بوڑھوں میں جلد نہیں پھیلتا ہے۔ |

(د) فعل لازم کی کچھ مثالیں:

۱۔ بارش آئی۔

۲۔ سورج نکلا۔

۳۔ اسلم نے لکھا۔

۴۔ ابو نے کھایا۔

سبق ٻاويهون

# امير ٽيڻ جو خواب

## مقصد

- شاگردن کي امير ٽيڻ جو خواب سبق جي مفهوم جي ڄاڻ ڏيڻ.
- ٻارن کي اها ڄاڻ ڏيڻ تہ ڏند ڪٿائون ڇا ٽيڻديون آهن ۽ انهن جي پويان ڪهڙيون حقيقتون هونديون آهن.
- کين انهي قابل ڪرڻ تہ هو سبق پڙهڻ، سمجهڻ ۽ انهي جو مقصد ياد ڪرڻ جي قابل ٿي وڃن.
- نوان لفظ لکڻ ۾ انهن مان جملا ناهڻ جي صلاحيت حاصل ڪري سگهن.
- ٻارن کي اها ڄاڻ ملي تہ ڪهاڻين يا ڏند ڪٿائن مان اسان کي ڪهڙو سبق ملي سگهي ٿو.
- ٻارن کي اهو سبق ملي تہ لالچ تمام بُري بلا آهي.
- ٻارن کي اها ڄاڻ ملي سگهي تہ کل ڀوڳ جي قصن مان ڪيئن زندگيءَ جون حقيقتون سامهون ايندیون آهن.

## امدادي سامان

- بليڪ بورڊ
- نون ۾ ڏکين لفظن جا فليش ڪارڊ
- سَولي سنڌي ڪتاب 6، صفحو نمبر 56

## سکيا جو طريقو

- سبق امير ٽيڻ جو خواب پڙهائڻ کان اڳ ٻارن کان پڇيو وڃي تہ لالچ ڇا کي چئبو آهي، ڇا توهان کي ڪا ڪهاڻي ياد آهي جيڪا توهان کي توهان جي وڏڙن لالچ جي بابت ٻڌائي هجي، توهان پنهنجي ياد ڪيل ڪهاڻي مان ڪهڙو سبق حاصل ڪيو آهي.
- ٻارن کي ٻڌايو تہ اڄ اسين سبق ”امير ٽيڻ جو خواب“ پڙهندا سين. سبق جي اعلان ڪانپوءِ ڪتاب سولي سنڌي جو صفحو نمبر 56 کولرايو. نون لفظن جا فليش ڪارڊ ڏيکاريو ۽ انهن لفظن کي درست اُچار سان پڙهي ٻڌايو. پوءِ سبق امير ٽيڻ جو خواب کي توهان (استاد) درست اُچار سان لفظ لفظ ڪري پڙهو ٻار هر لفظ تي آڱر رکن ۽ ڏيان سان ٻڌن. هاڻي کين سبق جو تت ٻڌايو تہ تخليقي ڪهاڻين ۾ اصل ڪهاڻين ۾ ڪهڙو فرق آهي. هن سبق جي ڪهاڻي ۾ استعمال ٿيل ڪردارن جهڙوڪ ملان نصيرالدين، اٺ جو مالڪ، هاٿي جو مالڪ تي گروپ ۾ بحث ڪرايو سبق جي دوران ٻارن کان سندن ذاتي مشاهدا پنهنجي لفظن ۾ لکڻ لاءِ چيو وڃي. ٻارن کي ان ڪم دوران اهو بہ ٻڌايو وڃي تہ توهان پنهنجي پرسان ويٺل ساٿي کان بہ راءِ وٺي سگهو ٿا. سبق پڙهڻ کان پوءِ ٻارن وسيلي تيار ڪيل ڪنهن هڪ سٺي چونڊ ڪهاڻي کي بورڊ تي لکي ٻارن جي تعريف ڪري سگهجي ٿي تہ جيئن ٻارن ۾ وڌيڪ لکڻ جو جذبو پيدا ٿئي. ٻارن کي ڪهاڻي مان ڪهڙو سبق مليو آهي ان تي گروپ ۾ بحث ڪريو. انهي کان پوءِ سبق ۾ استعمال ٿيل ڏکين لفظن تي شاگردن کان نشان

سبق نمبر ۲۲

# امیر ہونے کا خواب

## مقاصد

- طلبا کو سبق امیر ہونے کا خواب کا مفہوم سمجھانا۔
- طلبا میں یہ معلومات دینا کہ قصے کیا ہوتے ہیں اور ان کے پیچھے کیا حقائق ہوتے ہیں۔
- انھیں اس قابل کرنا کہ وہ سبق پڑھنے، سمجھنے اور اس کا مقصد یاد کرنے کے قابل ہو جائیں۔
- نئے الفاظ لکھنے اور ان سے جملے بنانے کی صلاحیت حاصل کرسکیں۔
- طلبا کو یہ معلوم ہو سکے کہ داستانوں اور قصوں سے ہمیں کیا سبق ملتا ہے۔
- طلبا کو یہ سبق ملے کہ لالچ بہت بری بلا ہے۔
- طلبا کو یہ معلوم ہو سکے کہ ہنسی مذاق کے قصوں سے کیسے زندگی کے حقائق سامنے آتے ہیں۔

## امدادی اشیا

- تختۂ سیاہ
- نئے اور مشکل الفاظ کے فلیش کارڈ
- آسان سندھی کتاب ۶، صفحہ نمبر ۵۶

## طریقۂ تدریس

- سبق پڑھانے سے پہلے طلبا سے یہ پوچھا جائے کہ لالچ کسے کہا جاتا ہے، کیا آپ کو کوئی ایسی کہانی یاد ہے جسے آپ کے بڑوں نے لالچ کے بارے میں بتایا ہو، آپ نے اپنی یاد رہنے والی کہانی سے کیسا سبق حاصل کیا ہے۔
- طلبا کو بتایئے کہ آج ہم سبق ''امیر ہونے کا خواب'' پڑھیں گے۔ سبق کے اعلان کے بعد کتاب آسان سندھی کا صفحہ نمبر ۵۶ کھلوایئے۔ نئے الفاظ کے فلیش کارڈ دکھایئے اور ان الفاظ کو درست ہجے سے پڑھ کر سنایئے۔ پھر سبق درست تلفظ سے پڑھیے۔ طلبا ہر لفظ پر انگلی رکھیں اور دھیان سے سنیں۔ اب انھیں سبق بتایئے کہ تخلیقی کہانیوں اور اصل کہانیوں میں کیا فرق ہے۔ اس سبق کی کہانی میں استعمال شدہ کرداروں جیسے مُلا نصیر الدین، اونٹ کے مالک، ہاتھی کے مالک پر گروپ میں بحث کروائی جائے۔ سبق کے دوران طلبا سے ذاتی مشاہدات کو اپنے الفاظ میں لکھنے کے لیے کہیں۔ طلبا کو یہ بھی بتایا جائے کہ آپ اپنے برابر میں بیٹھے ساتھی سے بھی مشورہ کر سکتے ہیں۔ سبق پڑھنے کے بعد طلبا کے ذریعے تیار کردہ کسی چنی ہوئی ایک اچھی کہانی کو بورڈ پر لکھ کر طلبا کی تعریف کی جا سکتی ہے۔ اس سرگرمی سے طلبا میں مزید لکھنے کا جذبہ پیدا ہوگا۔ طلبا کو امیر ہونے کا خواب سے کیا سبق ملا ہے گروپ میں بحث کروائیں۔ اس کے بعد سبق میں

لڳرايو پوءِ انهن لفظن کي بورڊ تي لکي ٻارن کي آسان لفظن ۾ سمجهايو. سبق جي حوالي سان گڏ مثال ڏيندا هلو تہ جيئن ٻار آساني سان سبق جي اصل مقصد کي ڄاڻي سگهن. سبق ۾ استعمال ٿيل مثالن جي وضاحت ڪئي وڃي. سيني جي ترتيبوار وضاحت ڪندا هلو تہ جيئن ٻار آساني سان سبق سمجهي سگهن.

- شاگردن کي ٻڌايو تہ هر لالچ ڪرڻ واري جو انجام سدائين خراب ٿيندو آهي جيئن هن ڪهاڻي ۾ ملان نصيرالدين لالچ ڪري اڳ ۾ ناريل پٽڻ لڳو ۽ جڏهن وڻ تي لٽڪي پيو تہ هن جي مدد لاءِ هڪ اٺ وارو ۽ هاٿي وارا آيا پر اهي بہ هن جي ٽنگن ۾ لڙڪي پيا ۽ پوءِ اهي ملان نصيرالدين کي لالچ ڏيڻ لڳا تہ اسين توکي هزار اشرفيون ۽ پوءِ اهي اڳتي وڌي نوَ هزار اشرفين تائين پهتا تنهن تي ملان تمام گهڻو خوش ٿيو پر شرط اهو هو تہ هٿ ناهن ڇڏڻا تنهن تي لالچ ۾ اچي پٽ پيا ۽ لالچ ۾ اچي ملان جو امير ٿيڻ جو خواب لالچ جي ور چڙهي ويو.

## حل ٿيل مَشقَ

(الف) سوالن جا جواب:

1. ملان نصيرالدين گهمندو ڦرندو اوچتو اوپري آباديءَ ۾ پهتو.
2. ملان نصير کي پنهنجي چوڌاري رڳو ناريل جا وڻ نظر آيا.
3. ملان وڻ جي چوٽي تي چڙهي ناريل پٽڻ لڳو پر ناريل نهايت مضبوط هئا، جيڪي جهٽڪي سان پٽجڻ جهڙا ڪونہ هئا، ملان وڏيڪ زور لڳايو تہ پاڻ ٿابڙجي ناريل ۾ لٽڪي پيو.
4. ملان نصير کي وڻ تان لاهڻ لاءِ اٺ جي مالڪ اٺ کي وڻ جي هيٺيان بيهاريو ۽ ملان کي لاهڻ لاءِ پاڻ اٺ تي چڙهيو ۽ هن کي ٽنگن کان جهلڻ لڳو اٺ وري پرسان تازو گاهہ ڏسي هن پاسي ڀڄو تہ ملان سان گڏ اٺ جو مالڪ بہ هن وڻ ۾ لٽڪي پيو.
5. ٿوري دير کان پوءِ اتان هڪ هاٿيءَ وارو همراهُ گذري رهيو هو. ملان ان کي پنهنجي مدد لاءِ سڏ ڪيو. هاٿي وارو هاٿي کي وڻ جي هيٺيان هڪلي آيو ۽ نهايت احتياط سان هاٿيءَ مٿان چڙهي اٺ جي مالڪ جي ٽنگن کي پڪڙي ڇڪيائين ايتري ۾ هاٿي بہ هن جي هيٺيان نڪري ويو ۽ هو بہ لٽڪي پيو.
6. آخر ۾ اٺ ۽ هاٿي جا مالڪ ملان کي چوڻ لڳا تہ تون ناريل کي نہ ڇڏجان جهلي بيهجان ۽ ٻئي کيس اشرفين جي لالچ ڏيڻ لڳا. ڳالهہ هڪ هزار اشرفين کان شروع ٿي ۽ وڃي نوَ هزار اشرفين تي پهتي. تنهن تي ملان نصيرالدين امير ٿيڻ جو خواب ڏسڻ لڳو ۽ خدا جو شڪر ادا ڪرڻ لاءِ هن جا هٿ کليا ۽ ناريل مان نڪري ويا ۽ ٽئي اچي پٽ پيا.

استعمال شدہ مشکل الفاظ پر نشان لگوائیے پھر ان الفاظ کو بورڈ پر لکھ کر طلبا کو آسان الفاظ میں سمجھائیے۔ سبق کے حوالے سے طلبا کو مثالیں دیتے چلیں جس سے طلبا بآسانی سبق کے اصل مقصد کو جان لیں گے۔ سبق میں استعمال شدہ مثالوں کی وضاحت کی جائے۔ سب کی ترتیب وار وضاحت کرتے جائیں کہ طلبا آسانی سے سبق کو سمجھ پائیں۔

- طلبا کو بتائیے کہ ہر لالچ کرنے والے کا انجام ہمیشہ برا ہوتا ہے۔ جیسے اس کہانی میں مُلا نصیر الدین پہلے لالچ کرکے ناریل توڑنے لگا اور جب درخت پر لٹک گیا تو اس کی مدد کے لیے ایک اونٹ والا اور ہاتھی والا آیا، مگر وہ بھی اس کی ٹانگوں میں لٹک گئے۔ پھر وہ مُلا نصیرالدین کو لالچ دینے لگے کہ ہم تمھیں ہزار اشرفیاں اور پھر وہ بڑھتے بڑھتے نو ہزار اشرفیاں ہوگئیں کی لالچ دینے لگے۔ جس پر مُلا بہت خوش ہوا، مگر شرط یہ تھی کہ درخت ہاتھ سے نہیں چھوڑنا ہے۔ اس لالچ میں اس نے اپنے ہاتھ پھیلا دیے اور تینوں زمین پر گر پڑے۔ یوں مُلا کا امیر ہونے کا خواب لالچ کے ہاتھوں ٹوٹ گیا۔

## حل شدہ مشق

(الف) سوالات کے جوابات:

۱۔ ملا نصیر الدین گھومتا پھرتا اچانک انجان آبادی میں آپہنچا۔

۲۔ مُلا نصیر کو اپنے اردگرد صرف ناریل کے درخت دکھائی دیے۔

۳۔ مُلا درخت کی چوٹی پر چڑھ کر ناریل توڑنے لگا۔ مگر ناریل بہت مضبوط تھے جو جھٹکنے سے ٹوٹنے والے نہیں تھے۔ مُلا نے مزید زور لگایا تو خود اس درخت میں اٹک گیا۔

۴۔ مُلا نصیر کو اتارنے کے لیے اونٹ کے مالک نے اونٹ کو درخت کے نیچے کھڑا کیا اور مُلا کو اتارنے کے لیے خود اونٹ پر چڑھا اور اسے ٹانگوں سے پکڑنے لگا اور اونٹ برابر میں تازہ گھاس دیکھ کر وہاں بھاگنے لگا تو مُلا کے ساتھ اونٹ کا مالک بھی مُلا کی ٹانگوں میں لٹک گیا۔

۵۔ تھوڑی دیر کے بعد وہاں سے ہاتھی کا مالک گزر رہا تھا۔ مُلا نے اسے اپنی مدد کے لیے پکارا۔ ہاتھی والا ہاتھی کو درخت کے نیچے لے آیا اور احتیاط سے ہاتھی پر چڑھ کر اونٹ کے مالک کی ٹانگوں کو پکڑ کر کھینچنے لگا۔ اتنے میں ہاتھی نکل گیا اور وہ بھی لٹک گیا۔

۶۔ آخر میں اونٹ اور ہاتھی کے مالک مُلا کو کہنے لگے کہ ناریل کو مت چھوڑنا، پکڑ کر رکھنا۔ دونوں مُلا کو اشرفیوں کی لالچ دینے لگے۔ بات ایک ہزار اشرفیوں سے شروع ہوئی تو نو ہزار اشرفیوں پر آکر اختتام پذیر ہوئی۔ جس پر مُلا نصیر امیر ہونے کا خواب دیکھنے لگا اور اللہ کا شکر ادا کرنے کے لیے ہاتھ کھولے تو ناریل ہاتھ سے نکل گیا اور تینوں آکر زمین بوس ہوئے، یوں مُلا کی امیر ہونے کی لالچ مٹی میں مل گئی۔


OXFORD
UNIVERSITY PRESS

(ب) جملن جو سنڌي ۾ ترجمو:

1. ملا نصیر الدین اپنے مزاحیہ قصوں کی وجہ سے مشہور ہیں۔

**ملان نصيرالدين پنهنجي مزاحيا قصن جي ڪري مشهور آهي.**

2. ملا نصیر الدین کے حوالے سے بہت سارے قصے عام ہیں۔

**ملان نصيرالدين جي حوالي سان تمام گهڻا قصا عام آهن.**

3. ملا نصیر الدین جو بھی کام کرتے وہ الٹا ہی ہو جاتا تھا۔

**ملان نصيرالدين جيڪو به ڪم ڪندو هو اهو اُبتو ئي ٿي ويندو هو.**

(ج) جملن مان صفتون:

1. علي هوشيار چوڪرو آهي.
2. هرڻ سڀني جانورن کان تيز آهي.
3. گلن ۾ گلاب ڏاڍو سهڻو آهي.
4. چنڊ جي چانڊوڪي وڻندڙ آهي.

(د) اصطلاحن جا جملا:

| اصطلاح | جملا |
| --- | --- |
| ساهه صدقي وڃڻ | ساههُ صدقي وڃڻ آسان نه آهي. |
| پيچ پائڻ | هرو ڀرو پيچ پائڻ نه گهرجي. |
| توڙ نباهڻ | توڙ نباهڻ سٺي ڳالهه آهي. |
| ڪير ڪنڌ ٽيڻ | دوستن سان ڪير ڪنڌ ٽيڻ گهرجي. |

(ب) جملوں کا ترجمہ:

۱۔ مُلا نصیر الدین اپنے مزاحیہ قصوں کی وجہ سے مشہور ہے۔

۲۔ مُلا نصیر الدین کے حوالے سے بہت سارے قصے عام ہیں۔

۳۔ مُلا نصیر الدین جو بھی کام کرتے وہ الٹا ہی ہو جاتا تھا۔

(ج) جملوں میں صفت:

۱۔ علی ہوشیار لڑکا ہے۔

۲۔ ہرن تمام جانوروں سے تیز ہے۔

۳۔ پھولوں میں گلاب بہت خوبصورت ہے۔

۴۔ چاند کی چاندنی دیدہ زیب ہے۔

(د) اصطلاحات کے جملے:

| اصطلاح | جملے |
|---|---|
| جان صدقے جانا | جان صدقے جانا آسان نہیں ہے۔ |
| پیچ اڑانا | جان بوجھ کر پیچ نہیں اڑانا چاہیے۔ |
| توڑ نبھانا | توڑ نبھانا اچھی بات ہے۔ |
| دودھ شکر ہونا | دوستوں کے ساتھ دودھ شکر ہونا چاہیے۔ |

سبق ٽيويهون

# دوست ڏانهن خط

## مقصد

- شاگردن کي اها ڄاڻ ڏيڻ تہ اهي سبق پڙهڻ، سمجهڻ ۽ ياد ڪرڻ جي قابل ٿي وڃن.
- هو نوان لفظ لکڻ ۽ انهن جي مدد سان ڪجهہ جملا لکڻ سکي وڃن.
- شاگردن ۾ لکڻ جي ڏانءُ جو جذبو پيدا ڪرڻ.
- کين اها ڄاڻ ڏيڻ تہ پنهنجن ڏانهن خط لکڻ سان پاڻ ۾ قرب وڌندو آهي.

## امدادي سامان

- بليڪ بورڊ
- رسالا جنهن ۾ خط هجن
- لفافا ۽ ٽڪليون
- سَولي سنڌي ڪتاب 6، صفحو نمبر 59

## سکيا جو طريقو

- ٻارن کان مختلف سوال ڪيا وڃن. ڇا توهان ڪڏهن ڪو خط پڙهيو يا لکيو آهي، خط ڪنهن ڏانهن ۽ ڪيئن لکي سگهجي ٿو ڇا توهان کي خط لکڻ جو شوق آهي.
- ٻارن کي چئو تہ اڄ اسين سبق دوست ڏانهن خط پڙهندا سين جنهن ۾ اسين ڏسندا سين تہ دوست ڏانهن خط ڪيئن ۽ ڪهڙي ريت لکجي. خط ۾ ڪهڙو مواد شامل ڪرڻ گهرجي، خط جي شروعات دعا سلام سان ڪرڻ گهرجي. دوست کي خط لکڻ ۽ پنهنجي مٽن مائٽن کي خط لکڻ ۾ ڪهڙو فرق آهي. ڪنهن مشهور شخص جي خطن کي سامهون رکي بہ شاگردن کي مثال ڏئي سگهجي ٿو. اڳ ۾ خط جو عنوان هجڻ ضروري آهي، خبر هئڻ گهرجي تہ خط ڪنهن ڏانهن لکيو ويندو. سلام دعا کان پوءِ جنهن ڏانهن خط لکجي هن جي خيريت معلوم ڪريو ۽ پنهنجي خيريت جو بہ احوال ڏيو. پوءِ خط جو تت سامهون لکيو وڃي جهڙوڪ ڪنهن کي جيڪڏهن گهمڻ لاءِ چيو وڃي تہ ڪيس ٻڌايو وڃي تہ منهنجا امتحان ٿي ويا آهن ۽ توهان جا بہ امتحان ٿي ويا آهن ۽ هاڻي موڪلون آهن تہ مهرباني ڪري توهان اسان ڏانهن گهمڻ اچو تہ نوان پراڻا ٿي وڃو. پوءِ خط جي آخر ۾ پنهنجو نالو، دستخط ۽ تاريخ لکڻ نہ وساريندا.
- هاڻي سبق جو صفحو 59 کولرايو ۽ پوءِ پاڻ درست اُچار سان سبق پڙهي ٻڌايو. ٻار هر لفظ تي آڱر رکن ۽ ڌيان سان ٻڌن.
- هن سبق ۾ ضروري آهي تہ ٻارن جا ڪجهہ گروپ تيار ڪيا وڃن ۽ انهن کي مختلف ماڻهن کي خط لکڻ لاءِ چئو. پوءِ سندن خط استاد پاڻ ڪلاس ۾ پڙهي ٻڌائي. سٺو خط لکڻ واري کي انعام ۽ شاباسي ڏني وڃي.

سبق نمبر ۲۳

# دوست کے نام خط

## مقصد

- طلبا کو یہ معلومات دینا کہ وہ سبق پڑھنے، سمجھنے اور یاد کرنے کے قابل ہو جائیں۔
- وہ نئے الفاظ لکھنا اور ان کی مدد سے کچھ جملے بنانا سیکھ جائیں۔
- طلبا میں لکھنے کے ہنر کے جذبے کو اُبھارنا۔
- انھیں یہ معلومات مہیا کرنا کہ اپنوں کو خط لکھنے سے آپس میں پیار بڑھتا ہے۔

## امدادی اشیا

- تختۂ سیاہ
- رسالے جن میں خطوط ہوں
- لفافے اور ٹکٹ
- آسان سندھی کتاب ۲، صفحہ نمبر ۵۹

## طریقۂ تدریس

- طلبا سے مختلف سوالات کیے جائیں۔ کیا کبھی آپ نے کوئی خط پڑھا یا لکھا ہے، خط کس کو اور کیسے لکھا جا سکتا ہے، کیا آپ کو خط لکھنے کا شوق ہے۔
- طلبا کو بتایئے کہ آج ہم سبق ''دوست کے نام خط'' پڑھیں گے جس میں ہم دیکھیں گے کہ دوست کی جانب خط کیسے اور کس طرح لکھا جائے۔ خط میں کون سا مواد شامل کرنا چاہیے؟ اس کا متن کیا ہو؟ خطوط کی شروعات دعا سلام سے کرنی چاہیے۔ دوست کو خط لکھنے اور اپنے رشتے داروں کو خط لکھنے میں کیا فرق ہے؟ کسی مشہور شخص کے خطوط کو سامنے رکھ کر بھی طلبا کو مثال دی جا سکتی ہے۔ سب سے پہلے خط کا عنوان ہونا بہت ضروری ہے، پتہ ہونا چاہیے کہ خط کس کو لکھا جائے گا۔ سلام دعا کے بعد جس کو خط لکھا جائے اس کی خیریت معلوم کیجیے اور اپنی خیریت کا بھی بتایئے۔ پھر خط کا مطلب سامنے رکھا جائے۔ جیسے اگر کسی کو گھومنے کے لیے کہا جائے تو اسے بتایا جائے کہ میرے امتحانات ہو چکے ہیں اور آپ کے امتحانات بھی ہو گئے ہیں اور اب چھٹیاں ہیں تو مہربانی فرما کر آپ ہماری طرف گھومنے آئیں اور نئے پرانے ہو کر جائیں اور پھر خط کے آخر میں اپنا نام، دستخط اور تاریخ لکھنا نہ بھولیں۔
- اب کتاب کا صفحہ ۵۹ کھلوایئے اور سبق پڑھ کر سنایئے۔ طلبا ہر لفظ پر انگلی رکھیں اور دھیان سے سنیں۔
- اس سبق میں ضروری ہے کہ طلبا کے کچھ گروپ تیار کروائے جائیں اور انھیں مختلف لوگوں کو خط لکھنے کے لیے کہا جائے اور پھر ان کے خط استاد خود کلاس میں پڑھ کر سنائیں۔ اچھا خط لکھنے والے کو انعام اور شاباش دی جائے۔

## حل ٿيل مَشقَ

(الف) سوالن جا جواب:

1. خط لکڻ جي شروعات ساڄي پاسي کان ڪئي ويندي آهي.
2. خط جي شروعات ۾ پنهنجي گهر جو پتو لکبو آهي.
3. خط جي پڇاڙي تي جنهن ڏانهن خط لکجي اُن جي مٿن مائٽن کي سلام پيش ڪجن.
4. هي خط دوست ڏانهن لکيل آهي.
5. هن خط ۾ دوست کي اهو ٻڌائڻو هو ته هن جو والد ڪيس سکر گهمائڻ لاءِ وٺي ويو هو.

(ب) توهان پنهنجي دوست کي خط لکي اسڪول پاران ڪرايل سير جو احوال ڏيو.

اها سرگرمي استاد ڪلاس ۾ شاگردن جي گروپ وسيلي ڪرائي.

گهر نمبر 9
سنڌ ڪالوني
حيدرآباد.
پيارا دوست السلام عيلڪم
الله تعاليٰ جي مهرباني سان هتي سڀ ٺيڪ آهي ۽ اميد ٿو ته ٿي ڪريان ته رب پاڪ جي مهرباني سان توهان ڏانهن به خيريت هوندي. (آمين)
تمام گهڻن سلامن ڪانپوءِ احوال عرض آهي ته پوئين هفتي اسان جا اسڪول وارا اسان کي مري جي سير لاءِ وٺي ويا هئا. اسڪول طرفان استاد به اسان سان گڏ هليا هئا. اسين لاهور کان مري بس ۾ ويا هئا سين ۽ مٿانهان رستا ۽ وڏا وڏا جبل اسان کي تمام گهڻا پسند اچي رهيا هئا. اتي شام جو ٿڌ به وڌي ويندي هئي. اتان جو هر منظر جنت جئان هو. مون کي هتي تمام گهڻو مزو آيو. توهان به گرمين جي موڪلن ۾ اسان ڏانهن اچو اسين گهر وارن سان گڏجي مري گهمڻ هلندا سين.
منهنجي پاران توهان پنهنجي امان ۽ بابا کي تمام گهڻا سلام ڏيو.
الله حافظ.
توهان جو دوست
ا ب ج

- اها سرگرمي استاد ڪلاس ۾ گرپ يا پوءِ ڌار ڌار به ڪرائي سگهن ٿا.

(ج) مختلف رنگن ۽ ماپ وارا ٽپال جا لفافا هٿ ڪري ڪنهن شيٽ تي چنبڙائي ڪلاس روم ۾ لڳايو.

## حل شدہ مشق

(الف) سوالات کے جوابات:

۱۔ خط لکھنے کی شروعات دائیں جانب سے کی جاتی ہے۔

۲۔ خط کے شروع میں اپنے گھر کا پتہ لکھا جاتا ہے۔

۳۔ خط کے آخر میں جسے خط لکھا جائے اس کے گھر والوں کو سلام پیش کیے جائیں۔

۴۔ یہ خط دوست کی جانب سے لکھا گیا ہے۔

۵۔ اس خط میں دوست کو یہ بتانا تھا کہ اس کے والد اسے سکھر گھمانے لے گئے تھے۔

(ب) آپ اپنے دوست کو خط لکھ کر اسکول کی جانب سے کرائی گئی سیر کا احوال دیں۔

گھر نمبر ۹

سندھ کالونی

حیدر آباد

پیارے دوست! السلام علیکم

اللہ تعالیٰ کی مہربانی سے یہاں سب ٹھیک ہے اور امید کرتا ہوں کہ رب پاک کی مہربانی سے آپ کی جانب بھی خیریت ہوگی۔ (آمین)
سلام کے بعد احوال عرض ہے کہ پچھلے ہفتے ہمارے اسکول والے ہمیں مری کی سیر کے لیے لے گئے تھے۔ اسکول کی جانب سے اساتذہ ہمارے ساتھ گئے تھے۔ ہم لاہور سے مری کی جانب بس میں گئے تھے اور جب اسلام آباد سے گزرتے ہوئے مری کے علاقے میں داخل ہونے لگے تو وہاں کے ٹیڑھے میڑھے راستے اور بڑے بڑے پہاڑ ہمیں بہت زیادہ پسند آرہے تھے۔ وہاں پر شام میں ٹھنڈ بھی بڑھ جاتی تھی۔ وہاں کا ہر منظر جنت کی طرح تھا۔ مجھے وہاں بہت مزا آیا۔ آپ بھی گرمیوں کی چھٹیوں میں ہماری طرف آئیں، ہم مل کر گھر والوں کے ساتھ مری گھومنے جائیں گے۔

میری جانب سے آپ اپنے ابو اور امی کو بہت سلام کہیے گا۔ اللہ حافظ

آپ کا دوست

ا ب ج

(یہ سرگرمی استاد کلاس میں گروپ یا پھر علیحدہ بھی کروا سکتے ہیں۔)

(ج) مختلف رنگوں اور سائزوں کے ڈاک کے لفافے ڈھونڈ کر کسی شیٹ پر چسپاں کر کے کلاس روم میں لگائیں۔

(د) اسان وٽ خط، ڪتاب ۾ ڇپيل شيون ٽپال جي ڪھڙن ڪھڙن ذريعن وسيلي پھچن ٿيون.

1. ٽي سي ايس.
2. ڊي ايچ ايل.
3. او سي ايس.
4. ليوپرڊ.

(ھ) ھيٺين اصطلاحن جي معني لکو:

| اصطلاح | معنيٰ |
|---|---|
| رڻ ٻارڻ<br>ڪنَ مھٽڻ<br>ڪيپ ڪٽڻ<br>ڪير ڪنڌ ٿيڻ<br>ليڪو لنگھڻ | جھيڙو ڪرڻ<br>سزا ڏيڻ<br>وڏي ڳالھ ڪرڻ<br>پاڻ ۾ ملي وڃڻ<br>حد پار ڪرڻ |

(د) ہمارے پاس خط، کتاب اور دوسری چیزیں ڈاک کے کن کن ذرائع سے پہنچتی ہیں۔

۱۔ ٹی سی ایس

۲۔ ڈی ایچ ایل

۳۔ اوسی ایس

۵۔ لیوپرڈ

(ھ) درج ذیل اصطلاحات کے معنی لکھیں:

| اصطلاح | معنی |
| --- | --- |
| آگ لگانا | جھگڑا کرنا |
| کان مسلنا | سزا دینا |
| کھیپ جیتنا | بڑی بات کرنا |
| دودھ شکر ہونا | آپس میں مل جانا |
| لکیر پار کرنا | حد پار کرنا |

سبق چوويهون

# ڪفايت شعاري

## مقصد

- شاگردن ۾ ڪفايت شعاري جي آگاهي فراهم ڪرڻ.
- شاگردن کي ٻڌائڻ تہ فضول خرچي سٺي ڳالهہ نہ آهي.
- کين انهي قابل ڪرڻ تہ هو سبق پڙهڻ، سمجهڻ ۽ انهي جو مقصد ياد ڪرڻ جي قابل ٿي وڃن.
- نوان لفظ لکڻ ۽ انهن مان جملا ناهڻ جي صلاحيت حاصل ڪري سگهن
- ٻارن کي اها ڄاڻ ملي تہ جيڪڏهن بچت نہ ڪندا سين تہ اسان کي اڳتي ڏکيائيون ڏسڻيون پونديون.
- ٻارن کي اها ڄاڻ ملي سگهي تہ ڪفايت شعاري جو مطلب اهو نہ آهي تہ ڪنجوسي ڪجي.

## امدادي سامان

- بليڪ بورڊ
- نون ۽ ڏکين لفظن جا فليش ڪارڊ
- ڪجهہ روپين جا سڪا.
- سَولي سنڌي ڪتاب 6، صفحو نمبر 62

## سکيا جو طريقو

- سبق ڪفايت شعاري پڙهائڻ کان اڳ ٻارن کان پڇيو وڃي تہ ڪفايت شعاري ڇا آهي، کين مهيني جي ڪيتري خرچي ملندي آهي، مليل خرچي مان هو ڪيترا پئسا خرچ ڪندا آهن ۽ ڪيترا پئسا بچائيندا آهن. جيڪڏهن هنن وٽ پئسا نٿا بچن تہ پوءِ ڪهڙي ريت باقي ڏينهن گذاريندا آهن ۽ جيڪڏهن بچت ڪندا آهن تہ ان بچت مان ڪهڙو ڪم وٺندا آهن. ٻارن کي اهو ٻڌائڻ گهرجي تہ بچيل پئسن مان اسين پنهنجي دوستن، ڀينرن ڀائرن، ۽ غريب ماڻهن جي مدد بہ ڪري سگهون ٿا ۽ اهو تڏهن ئي ممڪن آهي جڏهن اسين ڪفايت شعاري سان ڪم وٺندا سين.
- ٻارن کي ٻڌايو تہ اڄ اسين سبق ڪفايت شعاري پڙهندا سين جنهن مان اسان کي چڱي نموني اها ڄاڻ ملندي تہ ڪفايت شعاري ۽ ڪنجوسي ۾ ڪهڙو فرق آهي. فضول خرچي ڇا کي چئبو آهي؟ ڇا اسين پنهنجي بچيل پئسن مان ڪنهن جي مدد ڪري سگهون ٿا؟ سبق جي اعلان کانپوءِ ڪتاب جو صفحو نمبر 62 کولرايو. نون لفظن جا فليش ڪارڊ ڏيکاريو ۽ انهن لفظن کي درست اُچار سان پڙهي ٻڌايو پوءِ سبق کي توهان (استاد) درست اُچار سان لفظ لفظ ڪري پڙهو. ٻار هر لفظ تي آڱر رکن ۽ ڌيان سان ٻڌن. هاڻي کين سبق جو تت ٻڌايو تہ ڪفايت شعاري جو مطلب اهو آهي تہ پئسا گهٽ خرچ ڪرڻ جي عادت. ڪفايت شعاري اسان کي ڪيترين ئي پريشانين کان بچائي ٿي. پنهنجي آمدنيءَ کان وڌيڪ خرچ نہ ڪرڻ کي ڪفايت شعاري چئبو

سبق نمبر ۲۴

# کفایت شعاری

## مقاصد

- طلبا میں کفایت شعاری کی آگاہی فراہم کرنا۔
- طلبا کو بتانا کہ فضول خرچی اچھی بات نہیں ہے۔
- انھیں اس قابل کرنا کہ وہ سبق پڑھنے، سمجھنے اور اس کا مقصد یاد کرنے کے قابل ہو جائیں۔
- نئے الفاظ لکھنا اور ان سے جملے بنانے کی صلاحیت حاصل کرسکیں۔
- طلبا کو یہ معلوم ہو سکے کہ اگر بچت نہیں کریں گے تو آگے ان کے لیے مشکلات کھڑی ہوجائیں گی۔
- طلبا کو یہ معلوم ہو سکے کہ کفایت شعاری کا مطلب یہ نہیں کہ کنجوسی کی جائے۔

## امدادی اشیا

- تختۂ سیاہ
- نئے اورمشکل الفاظ کےفلیش کارڈ
- کچھ پیسے اور سکّے
- آسان سندھی کتاب ۶،صفحہ نمبر ۶۲

## طریقۂ تدریس

- سبق کفایت شعاری پڑھانے سے پہلے طلبا سے یہ پوچھا جائے کہ کفایت شعاری کیا ہے، انھیں مہینے کا کتنا جیب خرچ ملتا ہے، جیب خرچ سے وہ کتنے پیسے خرچ کرتے ہیں اور کتنے بچاتے ہیں، اگر ان کے پاس پیسے نہیں بچتے تو پھر کس طرح باقی دن گزارتے ہیں، اور اگر بچت کرتے ہیں تو اس بچت سے وہ کیا کام لیتے ہیں، طلبا کو یہ بتایا جائے کہ بچے ہوئے پیسوں سے ہم اپنے دوستوں، بہن بھائیوں اور غریب لوگوں کی مدد بھی کر سکتے ہیں اور یہ تب ہی ممکن ہے جب ہم کفایت شعاری سے کام لیں گے۔
- طلبا کو یہ بتایئے کہ آج ہم سبق ''کفایت شعاری'' پڑھیں گے جس سے ہمیں یہ بخوبی پتہ چلے گا کہ کفایت شعاری اور کنجوسی میں کیا فرق ہے؟ فضول خرچی کسے کہا جاتا ہے؟ کیا ہم اپنے بچے ہوئے پیسوں سے کسی کی مدد کر سکتے ہیں؟ سبق کے اعلان کے بعد کتاب کا صفحہ نمبر ۶۲ کھلوایئے۔ نئے الفاظ کے فلیش کارڈ دکھایئے اور ان الفاظ کو درست ہجے سے پڑھ کر سنایئے۔ پھر سبق درست لہجے سے پڑھیے۔ طلبا ہر لفظ پر انگلی رکھیں اور دھیان سے سنیں۔ اب انھیں بتایئے کہ کفایت شعاری کا مطلب ہے کہ پیسے کم خرچ کرنے کی عادت۔ کفایت شعاری ہمیں بہت سی پریشانیوں سے بچاتی ہے۔ اپنی آمدنی سے زیادہ نہ خرچ کرنے کی عادت کو کفایت شعاری کہا جاتا


OXFORD
UNIVERSITY PRESS

آهي. جيڪڏهن خرچ پنهنجي آمدنيءَ کان وڌيڪ هوندو تہ پوءِ ماڻهو اوڌر وٺڻ تي مجبور ٿي پوندو آهي. انهي جو مطلب اهو آهي تہ پنهنجي سوڙ آهر پير ڊگهيرڻ گهرجن تہ جيئن اڳتي ڪنهن جي اڳيان هٿ نہ ٽنگڻو پوي. پنهنجي پئسي جي بچت ڪرڻ گهرجي تہ جيئن اهي پئسا ڏکئي وقت ۾ ڪم اچي سگهن. انهي جو مطلب هر گز اهو نہ آهي تہ بلڪل بہ خرچ نہ ڪرڻ گهرجي يا پوءِ ايترو گڏ ڪرڻ ويهي رهجي جو اهي ڪنهن کي وقت سر نہ ڏئي سگهجن. انهي کان پوءِ سبق ۾ استعمال ٿيل ڏکين لفظن تي شاگردن کان نشان لڳرايو پوءِ انهن لفظن کي بورڊ تي لکي ٻارن کي آسان لفظن ۾ سمجهايو. سبق جي حوالي سان گڏ مثال ڏيندا هلو تہ جيئن ٻار آساني سان سبق جي اصل مقصد کي ڄاڻي سگهن. سبق ۾ استعمال ٿيل مثالن جي وضاحت ڪئي وڃي. شاگردن کي اهو بہ ٻڌائيندا هلو تہ مذهب بہ اسان کي ڪفايت شعاري جو ئي درس ڏئي ٿو.

- موقعي ۽ مهل جي حساب سان مددي شين کي واري واري سان ٻارن جي سامهون رکندا وڃو ۽ گروپ جوڙائي شاگردن وسيلي ڪلاس ۾ ڪفايت شعاري تي هڪ ٽيبلو ڪيو وڃي. ۽ انهي جي وضاحت ڪئي وڃي سڄو سبق سمجهائڻ کان پوءِ ٻارن کان بہ ٿي جملا ٻڌا وڃن تہ جيئن استاد کي خبر پئجي سگهي تہ ٻارن سبق مان ڇا سکيو آهي.

## حل ٿيل مَشقَ

(الف) سوالن جا جواب:

1. ڪفايت شعاري کي سولي سنڌي ۾ بچت پڻ چئبو آهي. ڪفايت شعاري جو مطلب آهي تہ پاڻ ۾ گهٽ خرچ ڪرڻ جي عادت پئدا ڪرڻ.
2. پنهنجي آمدني کي سوچي سمجهي خرچ ڪرڻ سان ڪفايت شعاري ڪري سگهجي ٿي.
3. اسين جيڪڏهن ڪفايت شعاري ڪندا سين تہ ڪجھ پئسا بچي پوندا ۽ اسين انهن بچيل پئسن مان ٻين جي مدد بہ ڪري سگهون ٿا ۽ اهي بچيل پئسا اڳتي اسان کي ڏکئي وقت ۾ بہ ڪم اچي سگهن ٿا. ڇو جو انسان جون حالتون سدائين هڪ جهڙيون نہ هونديون آهن.
4. هٿ ڦاڙ ماڻهن تي جڏهن ڪا پريشاني ايندي آهي تہ اهي پيا ٽڏا ساهہ پريندا ۽ پڇتائيندا آهن.
5. ڪنجوسي ۽ ڪفايت شعاري ۾ تمام گهڻو فرق آهي، ڪنجوسي جو مطلب آهي تہ پاڻ وٽ هوندي بہ ڪڏهن خرچ نہ ڪرڻ ۽ سدائين پنهنجي ضرورتن کي ماري زندگي گذارڻ آهي، پر ڪفايت شعاري اها آهي تہ جيڪڏهن سوَ رپيا ڪمائجن تہ 80 خرچ ڪجن ۽ ويهہ رپيا ايندڙ وقت لاءِ بچائجن پر ڪنجوس اڪثر خرچ ڪرڻ کان لنوائيندو آهي.

ہے۔ اگر خرچ اپنی آمدن سے زیادہ ہوگا تو پھر آدمی ادھار لینے پر مجبور ہو جاتا ہے۔ اس کا مطلب یہ ہے کہ اپنی چادر دیکھ کر پاؤں پھیلانے چاہئیں کہ آگے جا کر کسی کے آگے ہاتھ نہ پھیلانے پڑیں۔ اپنے پیسے کی بچت کرنی چاہیے کہ وہ کسی مشکل وقت میں کام آسکیں۔ اس کا مطلب یہ بالکل بھی نہیں ہے کہ خرچ ہی نہیں کرنے چاہئیں یا پھر جمع کرنے میں اتنے جُٹ جائیں کہ وہ کسی کے کام بھی نہ آسکیں۔ اس کے بعد سبق میں استعمال شدہ مشکل الفاظ پر طلبا سے نشان لگوایئے۔ پھر ان الفاظ کو بورڈ پر لکھ کر طلبا کو آسان الفاظ میں سمجھایئے۔ سبق کے حوالے سے مثالیں دیتے چلیں کہ طلبا سبق کے اصل مقصد کو جان سکیں۔ سبق میں استعمال شدہ مثالوں کی وضاحت کی جائے۔ طلبا کو یہ ضرور بتایئے کہ مذہب بھی ہمیں کفایت شعاری کا درس دیتا ہے۔

- موقع کی مناسبت سے امدادی اشیا کو طلبا کے سامنے رکھتے جائیں اور گروپ بنا کر طلبا سے کلاس میں کفایت شعاری پر ایک ٹیبلو کروایا جائے اور اس کی وضاحت کی جائے۔ تمام سبق سمجھانے کے بعد طلبا سے دو، تین جملے سنے جائیں جس سے استاد کو اندازہ ہوگا کہ طلبا نے سبق سے کیا سیکھا ہے۔

## حل شدہ مشق

(الف) سوالات کے جوابات:

۱۔ کفایت شعاری کو آسان سندھی میں بچت بھی کہا جاتا ہے۔ کفایت شعاری کا مطلب ہے کہ خود میں کم خرچ کرنے کی عادت پیدا کرنا۔

۲۔ اپنی آمدنی کو سوچ سمجھ کر خرچ کرنے سے کفایت شعاری کی جا سکتی ہے۔

۳۔ اگر ہم کفایت شعاری کریں گے تو کچھ پیسے بچ جائیں گے اور ہم ان بچے ہوئے پیسوں سے دوسروں کی بھی مدد کر سکتے ہیں اور وہ بچت والے پیسے ہمیں آگے مشکل وقت میں بھی کام آسکتے ہیں۔ کیونکہ انسان کے حالات ہمیشہ ایک سے نہیں ہوتے ہیں۔

۴۔ فضول خرچ انسانوں پر جب کوئی پریشانی آتی ہے تو وہ ٹھنڈی سانسیں بھرتے ہیں۔

۵۔ کنجوسی اور کفایت شعاری میں بہت فرق ہے۔ کنجوسی کا مطلب ہے کہ خود کے پاس ہوتے ہوئے بھی کبھی خرچ نہ کرنا اور ہمیشہ اپنی ضرورتوں کا گلا گھونٹ کر زندگی گزارنا ہے۔ اس کے برعکس کفایت شعاری یہ ہے کہ اگر ۱۰۰ روپے کمائے جائیں تو ۸۰ روپے خرچ کیے جائیں اور ۲۰ روپے آنے والے وقت کے لیے بچائے جائیں۔ کنجوس اکثر خرچ کرنے سے گریز کرتے ہیں۔

(ب) ڪفايت شعاري ۽ بچت جي حوالي سان سياڻن جون مشهور چوڻيون:

جيڪڏهن توهان اهڙيون شيون خريد ڪرڻ لاءِ پنهنجا پئسا ضائع ڪيو ٿا جن جي توهان کي ضرورت ناهي ته تمام جلدي توهان کي اهي شيون وڪڻون پئجي وينديون جن جي توهان کي ضرورت آهي. (وارن بفٽ)

ڪفايت شعاري قومي فرض آهي. (قاعداعظم محمد علي جناح)

(ج) اسم يا ضمير جي اهڙي حالت، جنهن ۾ فعل جو اثر واسطيدار اسم يا ضمير يعني مفعول تي ٿئي ته اهڙي حالت کي مفعولي حالت چئبو آهي.

(د) مفعولي حالت جا پنج جملا:

1. اڪرم يونيورسٽي ويجي ٿو.
2. سريش ٻاهر اچي ٿو.
3. نديم گاڏي ۾ ويهي ٿو.
4. اخلاق کهاڻي لکي ٿو.
5. فياض سبق پڙهي ٿو.

(ب) کفایت شعاری اور بچت کے حوالے سے داناؤں کی مشہور کہاوتیں:

اگر آپ ایسی چیزیں خریدنے میں پیسے ضائع کرتے ہیں جن کی آپ کو ضرورت نہیں تو بہت جلد آپ کو وہ چیزیں بیچنی پڑ جائیں گی جن کی آپ کو ضرورت ہے۔ (وارن بوفے)

کفایت شعاری قومی فریضہ ہے (قائد اعظم محمد علی جناح)

(ج) اسم یا ضمیر کی وہ حالت جس میں فعل کا اثر والطید اراسم یا ضمیر یعنی مفعول پر ہو تو ایسی حالت کو مفعولی حالت کہا جاتا ہے۔

(ھ) مفعولی حالت کے پانچ جملے:

۱۔ اکرم یونیورسٹی جاتا ہے۔

۲۔ سریش باہر آتا ہے۔

۳۔ ندیم گاڑی میں بیٹھتا ہے۔

۴۔ اخلاق کہانی لکھتا ہے۔

۵۔ فیاض سبق پڑھتا ہے۔

سبق پنجويھون

# هاءِ اباڙي گھوڙا ڙي!!

## مقصد

- شاگردن کي نظم هاءِ اباڙي گھوڙا ڙي!! جي مفهوم جي ڄاڻ ڏيڻ.
- شاگردن کي ٻڌائڻ تہ ٻار ڪھڙي ريت ضد ڪندو آهي.
- کين انهي قابل ڪرڻ تہ هو نظم پڙهڻ، سمجهڻ ۽ ان جو مقصد ياد ڪرڻ جي قابل ٿي وڃڻ.
- نوان لفظ لکڻ ۽ انهن مان جملا ٺاهڻ جي صلاحيت حاصل ڪري سگهن.
- هو اهو ڄاڻي وٺن تہ ٻار جون ڪھڙيون ڪھڙيون اهڙيون ننڍڙيون ضرورتون آهن جن کي هو تمام گھڻي اهميت ڏيندو آهي.
- ٻارن کي اها ڄاڻ ملي تہ ڪل ڀوڳ وسيلي بہ اسين پنھنجون ضرورتون ميڙائي سگھون ٿا.
- ٻارن ۾ ٻارن لاءِ سٺا نظم لکڻ جو ڏانءُ پيدا ڪرڻ.

## امدادي سامان

- بليڪ بورڊ
جيڪڏهن ممڪن ٿي سگھي تہ شاعر ياسر قاضي سان ٻارن جي هڪ ملاقات
- سَولي سنڌي ڪتاب 6، صفحو نمبر 65

## سکيا جو طريقو

- نظم پڙهائڻ کان اڳ ٻارن کان اها پڇا ڪئي وڃي تہ ڇا توهان ڪڏهن ڪو اهڙو ضد ڪيو آهي جنهن دوران توهان پنھنجي وڏڙن اڳيان رُنا هجو يا ڪنهن شئي لاءِ گھوڙا ڪئي هجي. ڪلاس ۾ موجود ٻارن کان سندن تجربو ٻڌو وڃي. جيڪڏهن ٻارن ضد ڪيو آهي تہ ٻارن انهي ۾ ڪھڙي شئي جي گھر ڪئي آهي.
- ٻارن کي ٻڌايو تہ اڄ اسين نظم "هاءِ اباڙي گھوڙا ڙي" پڙهندا سين جنهن مان اسان کي ڄاڻ ملندي تہ ٻار جون ڪھڙيون ضرورتون آهن ۽ ٻار ڪھڙي ريت پنھنجي ضرورتن کي ضد ڪري ميڙائي ٿو. سبق جي اعلان کانپوءِ ڪتاب جو صفحو نمبر 65 کولرايو. نون لفظن جا فليش ڪارڊ ڏيکاريو ۽ انهن لفظن کي درست اُچار سان پڙهي ٻڌايو پوءِ نظم کي توهان (استاد) درست اُچار سان لفظ لفظ ڪري پڙهو. نظم پڙهڻ وقت اهو لازمي آهي تہ نظم جي عنوان مطابق پنھنجي آواز ۾ بہ ڦيرو آندو وڃي تہ جيئن محسوس ٿئي تہ حقيقت ۾ ڪو ٻار ضد ڪري رهيو آهي. اِهو طريقو اختيار ڪرڻ سان ٻار تمام گھڻا خوش ٿيندا ۽ نظم غور سان ٻڌندا. ٻار هر لفظ تي آگر رکن ۽ ڌيان سان ٻڌن. هاڻي کين نظم جي معني ٻڌايو تہ هن نظم ۾ ان ٻار ڪھڙي ريت ضد ڪري ڪھڙين ڪھڙين شين لاءِ هاءِ گھوڙا ڪئي آهي. انهي کان پوءِ بيتن جي سمجھاڻي آسان لفظن ۾ ڪيو. بيتن جي سمجھاڻي

سبق نمبر ۲۵

# ہائے ابا ڑے گھوڑا ڑے !!

## مقاصد

- طلبا کو نظم ''ہائے ابا ڑے گھوڑا ڑے !!'' کے مفہوم کی معلومات دینا۔
- طلبا کو بتانا کہ بچّہ کس طرح ضد کرتا ہے۔
- انھیں اس قابل کرنا کہ وہ نظم پڑھنے، سمجھنے اور اس کا مقصد یاد کرنے کے قابل ہو جائیں۔
- نئے الفاظ لکھنا اور ان سے جملے بنانے کی صلاحیت حاصل کرسکیں۔
- وہ یہ جان لیں کہ طلبا کی کون سی ایسی چھوٹی ضروریات ہیں جنھیں وہ بہت زیادہ اہمیت دیتا ہے۔
- طلبا کو یہ معلوم ہو سکے کہ ہنسی مذاق میں بھی ہم اپنی ضروریات کو منوا سکتے ہیں۔
- طلبا میں طلبا کے لیے اچھی نظمیں لکھنے کا ہنر پیدا کرنا۔

## امدادی اشیا

- تختۂ سیاہ
- اگر ممکن ہو سکے تو شاعر یاسر قاضی سے بچوں کی ایک ملاقات
- آسان سندھی کتاب ۶، صفحہ نمبر ۶۵

## طریقۂ تدریس

- نظم پڑھانے سے پہلے طلبا سے یہ پوچھا جائے کہ کیا آپ نے کبھی اپنی بات ضد سے منوائی ہے؟ جس میں آپ اپنے بڑوں کے سامنے روئے ہوں، یا کسی چیز کے لیے چیخے چلائے ہوں، کلاس میں موجود طلبا سے ان کا تجربہ سنا جائے۔ اگر طلبا نے ضد کی ہے تو طلبا نے اس میں کس چیز کی فرمائش کی ہے۔
- طلبا کو بتایئے کہ آج ہم نظم ''ہائے ابا ڑے گھوڑا ڑے !!'' پڑھیں گے جس سے ہمیں یہ بخوبی پتہ چلے گا کہ بچوں کی کیا کیا ضروریات ہیں اور بچّے کس طرح ضد کرکے اپنی ضروریات منوا لیتے ہیں۔ سبق کے اعلان کے بعد کتاب کا صفحہ نمبر ۶۵ کھلوایئے۔ نئے الفاظ کے فلیش کارڈ دکھایئے اور ان الفاظ کو درست لہجے سے پڑھ کر سنایئے۔ پھر نظم درست لہجے سے لفظ بہ لفظ سُر اور لے سے پڑھیے۔ نظم پڑھتے وقت یہ لازم ہے کہ نظم کے عنوان کے مطابق اپنی آواز میں تبدیلی لائی جائے کہ محسوس ہو سکے کہ کوئی بچّہ ضد کر رہا ہے۔ یہ طریقہ اختیار کرنے سے طلبا بہت زیادہ خوش ہوں گے اور نظم غور سے سنیں گے۔ طلبا ہر لفظ پر انگلی رکھیں اور دھیان سے سنیں۔ اب انھیں نظم کی معنی بتایئے کہ بچّے نے کس کس بات پر ضد کی ہے۔ اس کے بعد اشعار کا ترجمہ آسان الفاظ میں کیجیے۔ اشعار کا ترجمہ نثر میں کیا جائے


OXFORD
UNIVERSITY PRESS

نثر ۾ ڪئي وڃي تہ جيئن ٻارن کي بيت آساني سان سمجهہ ۾ اچي وڃن جهڙوڪ: امڙ پٽترو پٽ رڌيو آهي چاچي بہ چلهي تي ٻوڙ رکيو آهي ماسي وري تيل سان تئي ڪاڙهي آهي ۽ پڪوڙن جي ديگ ڪئي آهي اڃا تائين پڪوڙا ڪونہ آيا آهن. هاءِ ابا ڙي گهوڙا ڙي. درزي بہ دوکو ڪيو آهي وڳا بہ وقت سر ڪونہ ڏنا اٿس پئسا بہ اڳواٽ ونئي ويو آهي سموري عيد ريٻڙي ميڊ تي گذاري آهي اهي ڏنل جوڙا بہ ڪونہ مليا آهن هاءِ ابا ڙي گهوڙا ڙي. منهنجي جاميٽري جي دٻي بہ نہ ڄاڻ ڪنهن چوري ڪئي آهي بابا مون لاءِ پيار مان لاهور مان آندي هئي هاڻِ دل چوي ٿي تہ ڪنڌ وٺان وڃي هٿوڙا هڻجن هاءِ اباڙي گهوڙا ڙي. امان مون لاءِ کير رکيو هو سو بہ ٻلو منهن هڻي پي ويو هو ڪاوڙ مان هن جو ڪنڌ مروڙان ڙي هاءِ اباڙي گهوڙا ڙي. ڪلهہ ئي زباني ٽيسٽ ڏني اٿم سمورا سوال ڦر ڦر ٻڌايا اٿم اي بي سي ۽ سمورا انگ ياد هئيم ڊريس تي اسٽار مليو ٽيچر کان بہ پيار مليو نہ ڄاڻ ڇو ڪچا پوءِ بہ ڪوڙا هئا. هاءِ اباڙي گهوڙا ڙي. مٿي ڏنل سمجهاڻي کي توهان پنهنجن لفظن ۾ بہ ٻارن کي سمجهائي سگهو ٿا.

- نظم ۾ موجود ڏکين يا نون لفظن تي نشان لڳرايو پوءِ ٻارن کان واري واري نظم پڙهائيو پوءِ ٻن ٻارن کان جوڙي جي صورت ۾ واري واري پڙهائيو جنهن ۾ هڪ سنو پڙهڻ وارو هجي ۽ ٻيو ٿوري ڏکيائي محسوس ڪندو هجي. پوءِ پنجن ٻارن جو گروپ جوڙي پڙهائيو وڃي. جنهن کان پوءِ سڀ ٻار توهان سان گڏجي نظم پڙهن. اهڙي ريت آساني سان ٻارن کي نظم ياد ٿي ويندو.

## حل ٿيل مَشقَ

(الف) سوالن جا جواب:

1. نظم جي پهرين بند ۾ پٽُ، ٻوڙ ۽ پڪوڙن جو ذڪر ٿيل آهي.
2. شاعر نظم ۾ درزي جي اها شڪايت ڪئي آهي تہ هو پئسا بہ اڳواٽ ونئي ويو آهي ۽ وڳا بہ سڀي ڪونہ ڏنا اٿس.
3. جاميٽريءَ جي ڪالهہ دٻي، ڪنهن آ منهنجي چوري ڪئي،

   بابا سا لاهور منجهان، آندي مون لاءِ پيار وچان

   جوبہ ڪٽي ويو ٿيلهي مان، دل تہ چوي ٿي ڪنڌ وٺان

   هڻجن ڪيس هٿوڙا ڙي، هاءِ اباڙي گهوڙا ڙي.

(ب) اوهان سڀ گڏجي هي نظم سُر ۽ لئہ سان ڪلاس ۾ پڙهو.

(ج) لائبرري جي ڪتابن جي مدد سان اوهان ٻيو ڪو بہ سبق آموز مزاحيا نظم لکي اچو.

هن سرگرمي لاءِ استاد ٻارن جي مدد ڪري سگهن ٿا.

(د) نانيءَ جي موضوع تي ننڍڙو شعر:

او منهنجي منڙي ۽ موچاري ناني

ٻڌاءِ تہ ڪٿي آهي منهنجي ماني

جس سے نظم طلبا کو بآسانی سمجھ میں آجائے۔ جیسے اماں نے چاول چڑھائے ہیں۔ چاچی چولھے پر سالن بنا رہی ہے۔ ماسی (خالہ) نے تیل چڑھایا ہے اور پکوڑوں کی پتیلی رکھی ہے لیکن ابھی تک پکوڑے نہیں آئے ہیں۔ درزی نے بھی دھوکا کیا ہے، کپڑے بھی وقت پر نہیں دیے ہیں۔ پیسے بھی پہلے لے لیے ہیں۔ ساری عید ریڈی میڈ میں گزاری ہے۔ ہائے ابا ڑے گھوڑا ڑے !! میرا جیومیٹری بکس نہ جانے کس نے چوری کیا ہے؟ بابا میرے لیے پیار سے لاہور سے لائے تھے۔ اب دل چاہتا ہے کہ ہتھوڑے مار کر اس کی گردن مروڑ دوں۔ ہائے ابا ڑے گھوڑا ڑے !! ماں نے جو میرے لیے دودھ رکھا تھا وہ بھی رات میں بلی منھ مار کر پی گئی ہے۔ اب غصے سے اسے پکڑنے کا جی چاہتا ہے۔ ہائے ابا ڑے گھوڑا ڑے !! کل ہی زبانی ٹیسٹ دیا ہے۔ تمام سوالات پھر پھر بتائے ہیں۔ اے بی سی اور تمام نمبر بتائے ہیں۔ ڈائری پر بھی اسٹار ملا ہے۔ مگر پھر بھی پہاڑے کچے ہیں۔ ہائے ابا ڑے گھوڑا ڑے !!

مندرجہ بالا تشریح کو آپ اپنے الفاظ میں بھی طلبا کو سمجھا سکتے ہیں۔

- نظم میں موجود مشکل الفاظ پر نشان لگوائیے۔ پھر نظم طلبا سے باری باری پڑھوائیے۔ پھر دو طلبا سے جوڑے کی صورت میں نظم باری باری پڑھوائیے جس میں ایک اچھا پڑھنے والا اور دوسرا تھوڑی دشواری محسوس کرتا ہو۔ پھر پانچ طلبا کا گروپ بنا کر نظم پڑھوائیے جس کے بعد سب طلبا آپ کے ساتھ مل کر نظم کو ترنم کے ساتھ پڑھیں۔ اس طرح آسانی سے طلبا کو نظم زبانی یاد ہو جائے گی۔

## حل شدہ مشق

(الف) سوالات کے جوابات:

۱۔ نظم کے پہلے بند میں پُلاؤ، سالن اور پکوڑوں کا ذکر کیا گیا ہے۔

۲۔ شاعر نے نظم میں درزی کی یہ شکایت کی ہے کہ وہ پیسے بھی پہلے لے چکا ہے اور کپڑے بھی سی کر نہیں دیے ہیں۔

۳۔ جیومیٹری کی کل ڈبی، کس نے ہے میری چوری کی
بابا اتنے پیار سے، لائے تھے میرے لیے لاہور سے
جو بھی اٹھا گیا تھیلے سے، دل کرتا ہے گردن مروڑوں
مارے جائیں ہتھوڑے، ہائے اباڑے گھوڑاڑے

(ب) آپ سب مل کر یہ نظم سُر اور لیے سے کلاس میں پڑھیں۔

(ج) لائبریری کی کتابوں کی مدد سے طلبا کوئی ایسی دوسری سبق آموز نظم لکھ کر لائیں۔
اس سرگرمی کے لیے استاد طلبا کی مدد کر سکتے ہیں۔

(د) نانی کے موضوع پر چھوٹا سا شعر:
اور میری میٹھی اور طاقت ور نانی
کہاں ہے میری روٹی، مجھے بناؤنی

(هہ) اصطلاح اهڙن لفظن کي چئبو آهي جن جون بہ معنائون نڪرنديون هجن يا وري ظاهري طور تي لکيل انهن لفظن جي ڳجهي معني بہ نڪرندي هجي.

پنج اصطلاح:

1. کير کنڊ ٿيڻ.
2. اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ.
3. اک ڏيکارڻ.
4. ليڪو لنگهڻ.
5. ٽانڊو ٻارڻ.

(ھ) اصطلاح ایسے الفاظ کو کہا جاتا ہے جن کے دو معنی نکلتے ہوں یا پھر ظاہری طور پر لکھے ان الفاظ کے کوئی دوسرے چھپے ہوئے معنی بھی ہوں۔

پانچ اصطلاحات:

۱۔ دودھ شکر ہونا

۲۔ آنکھوں میں دھول جھونکنا

۳۔ آنکھ دکھانا

۴۔ لکیر پار کرنا

۵۔ آگ لگانا

# استادن لاءِ خاص هدايت

استادن کي صرف هڪ خاص هدايت ڪجي ٿي تہ سنڌي ٻولي جي واحد جمع ۽ اردو ٻولي جي واحد جمع ۾ ٿورو گھڻو فرق آهي جنهن جو تمام گھڻو خيال رکيو وڃي ۽ ساڳي ريت مذڪر مونث ۾ بہ اهي واضح فرق ڏسڻ ۾ اچن ٿا مثال طور هڪ لفظ کي توهان آڏو پيش ڪجي ٿو جيئن سنڌي ۾ ڪتاب مذڪر آهي ۽ اردو ۾ ڪتاب مونث آهي. انهي ڪري سنڌي جي مذڪر ڪتابُ ۾ پيش لڳل آهي ۽ جمع ٺاهڻ لاءِ ڪتابَ ۾ زبر لڳائي جمع ڪيو ويندو. ۽ جملو ٺهندو مون ڪتابُ پڙهيو (واحد)، مون ڪتابَ پڙهيا (جمع)، جڏهن تہ اردو ۾ ميني ڪتاب پڙهي، (مونث واحد)، ميني ڪتابين پڙهين (مونث جمع). شاگرد انهن اصولن ۾ ٿوري ڏکيائي محسوس ڪندا آهن جنهن کي حل ڪرائڻ توهان سمورن استادن جو فرض آهي.

استادن لاءِ اهو بہ ضروري آهي تہ اهي سبق تي مڪمل ۽ واڌو ڄاڻ بہ رکندا هجن ۽ ضروري آهي تہ اهي درسي ڪتابن ۾ مهيا ڪيل ڄاڻ کان سواءِ بہ شاگردن ۾ وڌيڪ ڄاڻ ڏيڻ جي سگھ رکندا هجن. انهي سان گڏ سنڌي ٻولي جي سکيا جا ڪجھ رهنما اصول پڻ هيٺين ريت آهن جن تي مختصر نوٽ هيٺين ريت ڏجي ٿو.

ٻولي ۽ زبان سکائڻ لاءِ تمام ضروري آهي تہ شاگردن ۾ مڪمل طور تي ٻڌڻ جي عادت پيدا ڪئي وڃي، اهي درست طريقي سان ٻڌي سگھن تہ جيئن درست سمجھاڻي ڏانهن انهن جو ڌيان وڃي سگھي. هو توهان استادن جي سوالن کي غور سان ٻڌن ۽ توهان استاد شاگردن جي سوالن ۽ جوابن کي غور سان ٻڌي انهن جي وڌيڪ وضاحت پڻ ڪري سگھو. شاگردن کي تمام گھڻو ڳالهائڻ جو موقعو ڏنو وڃي جيئن هن رهنمائي جي ڪتابن ۾ هر هر سوال ڪيا ويا آهن. شاگرد جيترو وڌيڪ سمجھي ڳالهائيندا اوترو وڌيڪ انهن جي ٻولي ۽ انهن جو لهجو بهتر ٿي سگھندو.

پڙهڻ واري مرحلي ۾ ضروري آهي تہ سمورن شاگردن کي گھڻي کان گھڻو پڙهڻ جو موقعو ڏنو وڃي جنهن سان انهن ۾ لفظن جي سڃاڻپ وڌندي ۽ ڪلاس ۾ وڏي آواز ۾ پڙهڻ سان شاگردن جو حوصلو پڻ وڌندو.

لکڻ واري مرحلي ۾ شاگردن وسيلي صورتخطي ۽ خوشخطي واريون سرگرميون پڻ ڪرائڻ ضروري آهن ۽ انهن جو تمام گھڻو خيال رکيو وڃي.

سمجھاڻي واري مرحلي ۾ اهو ضروري نہ آهي تہ جيڪي سوال ۽ انهن جي جواب مهيا ڪيا ويا آهن اهي ئي سمجھايا وڃن سبق سان لاڳاپيل ڪجھ ٻيا سوال توهان استاد پڻ ٺاهي انهن جا جواب سبق مان شاگردن وسيلي ڳولايا وڃن تہ جيئن انهن جو ذهن اجا وڌيڪ سوچڻ ۽ سمجھڻ تي مجبور ٿئي.

امدادي شين جو استعمال شاگردن کي سبق وڌيڪ سٺي نموني سمجھڻ ۾ تمام سٺو ثابت ٿئي ٿو ۽ ڪتابن جي نظمن ۾ اها ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ انهن نظمن جي شاعرن (جھڙوڪ ياسر قاضي) سان جيڪڏهن ممڪن ٿي سگھي تہ هڪ ملاقات پڻ ڪرائي وڃي انهي سان شاگرد بہ خوش ٿيندا ۽ ليکڪ پاڻ نظم جي وضاحت اجا بهتر نموني ڪري سگھندو.

شاگردن جو اعتماد وڌائڻ لاءِ ضروري آهي تہ انهن جي حوصلا افزائي ڪئي وڃي ۽ شاباس سان گڏو گڏ ننڍين ننڍين ڪاميابين تي شاگردن کي ڪو انعام ڏئي ڪري انهن جي صلاحيتن کي اجا بہ پرواڻ چاڙهي اڏام ڏياري سگھجي ٿي.

هڪ ڀيرو ٻيهر اها اميد ٿو ڪيان تہ منهنجي غلطين کي سامهون رکندي ڀرپور ڪيل ڪوشش کي سٺي موٽ ملندي ۽ انهي ڪوشش کي وڌيڪ بهتر ڪرڻ جا مشورا پڻ قابل قبول هوندا ۽ انهن مشورن کي استعمال ڪندي انهي ۾ اجا تجويزون پڻ شامل ضرور ڪيون وينديون.